
هيرن جواهرن جو ٿيلهو
(ٻارن جون آکاڻيون)
خادم گهراڻو
www.sindhsalamat.com

# هيرن جواهرن جو ٿيلهو

## ( ٻارن جون ڪهاڻيون )

## خادم گهراڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

هي ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو ديس جي ستايلن ، بکايلن سورن اهنجن جي ماريل معصوم گلڙن جهڙن ٻارن جي نانءُ ڪريان ٿو.

خادم گهرڙو

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (277) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”هيرن جواهرن جو ٿيلهو“** محترم دوست **خادم گهراڻي** جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

خادم گهراڻو سنڌ سلامت ستّ جو سينيئر ۽ پراڻو دوست آهي. اڄ جڏهن ڪتاب ڇپائڻ عام ليکڪ لاءِ انتهائي ڏکيو ڪم ٿي چڪو آ، جو ته ادبي ادارا مفت ۾ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار ناهن، سرڪاري ادارا پنهنجي الڳ پاليسي جوڙيو وينا آهن. سنڌ سلامت آنلائين ڪتاب جي سروس آڻي اهڙن ليکڪن لاءِ آسانيون پيدا ڪيون آهن.

ٿورائتا آهيون محترم خادم گهراڻي جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# پنهنجي پاران

هن مجموعي ۾ جيڪي ڪهاڻيون شامر آهن اهي خاص ٻارن جي لاءِ لکيل آهن جن مان ڪافي ڪهاڻيون ڇپيل آهن. اڄ اسان وٽ ٻارن جي ادب جي تمام کوٽ آهي ڪوبہ ٻارن جي لاءِ رسالو نہ نڪري رهيو آهي جنهن ۾ ٻار لکي پنهنجي لکڻ صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن. خاص ڪري سنڌي ادب ۾ ٻارن جي ادب جي تمام گهڻي کوٽ آهي. ڪو وقت هوندو هو هر سنڌي اخبار ۾ ٻارن جي لاءِ باقاعده هر هفتي صفحا نڪرندا هئا جن ۾ جيڪي ٻار لکڻ شروع ڪندا هئا اهي اڳتي وڏا اديب بنجي ويا. اڪثر گهڻن ٻارن جي ادب لکڻ سان شروعات ڪئي هوندي. اڳ ٻارن جي لاءِ گل ڦل رسالو نڪرندو هو اهو هن وقت نہ اچي رهيو هو. ارڙڪ مرڙڪ ، گلستان وغيره رسالا نڪرندا هئا. مرحوم اسرار شامر ٻارن جي ادب لاءِ هميشہ جاکوڙ ڪندو رهيو. پاڻ ٻارن جي لاءِ ٻارڙا پبليڪيشن جي لاءِ رسالو باقاعدگي سان ڪيندا رهندا هئا. هن وقت ٻارن جي ادب ۽ رسالن جي سخت کوٽ محسوس ٿي رهي آهي.ٻارن جي لاءِ لکڻ سولو نہ آهي تمام ڏکيو آهي. ٻارن جي لکڻ لاءِ ٻار ٿي وڃڻو پوي ٿو، ٻارن جي لاءِ جيڪي بہ نثر يا نظم لکيو ويندو آهي ان ۾ ٻارن جي لاءِ رهنمائي ۽ نصيحت شامل هوندي آهي. مون بہ ٻارن جي صفحن کان لکڻ شروع ڪيو. محترم احمد خان شيخ ، محترم لائق سنڌي، محترم عبدالغني درس ، محترم عرس فقير ڀهراڻي ، محترم لؤنگ خان عاجز پاٽو ،محترم سعدالله سپاهي ابڙو ۽ ٻين منهنجي ڪافي همت افزائي ۽ رهنمائي ڪئي. هر قدم تي منهنجو ساٿ ڏنو. هن وقت محترم محمود مغل صاحب، محترم محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام جا ساٿي منهنجي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪري رهيا آهن. آئون انهن ۽ انهن ٻين سيني ساٿين جو احسان مند آهيان جن جا هتي نالا نہ لکيا اٿم پر انهن بہ منهنجي همت افزائي ڪئي. هي مختصر ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي جيڪي هتي پيش ڪري رهيو آهيان. منهنجي دوستن کي گذارش آهي تہ منهنجي رهنمائي ڪندا رهندا تہ سندن وڏا وڙ ٿيندا

**خادم گهراڻو**

متياري چوڪ اڏيرو لعل روڊ نصرپور

موبائل نمبر : 03113272427

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1 ـ چوريءَ جي سزا | 7 |
| 2 – ڏنار جو عقلمند پٽ | 9 |
| 3 – رهنمائي | 11 |
| 4 – محنت جو ڦل | 13 |
| 5 – همدردي | 15 |
| 6 – جانورن جي محبت | 17 |
| 7 – اصل عيد | 19 |
| 8 – گڏڙيءَ جي گڏي | 20 |
| 9 – ننڍي ماڪوڙي | 21 |
| 10 – هيرن جواهرن جو ٿيلهو | 23 |
| 11 – ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي | 26 |
| 12 – ٻوڙ ستايل ٻار ۽ عيد | 28 |
| 13 – خوشي | 31 |
| 14 – صفائي | 33 |
| 15 – جذبو | 34 |
| 16 – ايڪتا خوشي | 36 |
| 17 – اڻپورا خواب | 39 |
| 18 – معذوري نہ آهي مجبوري | 40 |
| 19 – ٻين جي مدد ڪرڻ | 42 |
| 20 – عقلمند وزيرزادي | 44 |

# چوريءَ جي سزا

پيارا ٻارو احمد جي نالي هڪ ڇوڪرو هوندو هو. هي پنهنجي مائٽن جو دادلو هوندو هو. گهر وارا هن سان بيحد گهڻو پيار ڪندا هئا جنهن ڪري هن جي براين کي اهي ڏڪيندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته هي ڏينهن به ڏينهن خراب ٿيندو ويو. پر مائٽ لاڏ ڪوڏ سبب هن تي ڪوبه توجه نه ڏيندا هئا اهو نه ڏسندا هئا ته اسان جو پٽ خراب ٿي رهيو آهي جيڪڏهن هن جي ڪير دانهن ڏيندو هو ته ان کي هي درگذر ڪري ڇڏيندا هئا دانهن ڏيڻ واري تي ڪاوڙ ڪندا هئا. هن ۾ هاڻي چوري ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي هئي. هي جيڪڏهن ڪنهن دوڪان تي ويندو هو ته اتي به ڪانه ڪا شيءِ لڪائي ڇڏيندو هو جيڪڏهن جهلجي ويو ته دوڪان وارو هن کي دڙڪا ڏيندو هو پر جيڪڏهن خبر نه پيئي ته اها شيءِ کڻي هليو ويندو هو. اسڪول ۾ به هن جي عادت هوندي هئي ٻارن جي ٿيلهن مان ڪانه ڪا شيءِ کڻي لڪائي ڇڏيندو هو. جنهن جي شاگرد دانهن استاد کي ڏيندا هئا ڪافي دفعا هن جي ٿيلهي مان اهي چورايل شيون به مليون هنيون. استاد هن کي دڙڪا ڏيندو هو پيار سان سمجهائيندو هو پر هن تي ان جو ڪوبه اثر نه ٿيندو هو. استاد هن جي والدين کي به دانهن ڏني پر انهن هن طرف ڪوبه توجه نه ڏنو. هاڻي هن ٻاهر جي چورين ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي گهر ۾ چوري ڪرڻ شروع ڪئي هئي گهر وارن جا پيسا کڻي ويندو هو جيڪڏهن ڪا شيءِ هٿ لڳي ته اها به کڻي ويندو. مائٽن کي به خبر پيئي پر اهي رڳو معمولي دڙڪا ڏيئي وري ماٺ ٿي ويندا هئا. اهو ان ڪري جو پيءُ دڙڪا ڏيندو هو ته ماءُ پاسو کڻندي هئي جيڪڏهن ماءُ دڙڪا ڏيندي هئي ته پيءُ پاسو کڻندو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته هي لاپرواه ٿي ويو هو ڪنهن جي به ڪا ڳالهه نه ٻڌندو هو. مائٽن اهو نه سوچيو ته اڄ هي ننڍو آهي سياڻي وڏو ٿيندو اها هن جي خراب عادت آهي اها هن مان ڪيئن ڪڍرجي. مائٽ بس هن جي ڳالهه کي نظرانداز ڪندا. هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو هي گهر ۾ ٻڌائڻ کان سواءِ ٻاهر باغن تي گهمڻ نڪري ويو. هن هڪ باغ ۾ ڏٺو ته اتي ڪير به ڪونه هو پر مالهي جي سائيڪل بيٺي هئي هن آهستي آهستي چوطرف ڏٺو ته مالهي ڪٿي مون کي ڏسي نه وٺي جڏهنن هن کي پڪ ٿي ته مون کي مالهي نه پيو ڏسي ته هن اها سائيڪل کنئي. لڪي لڪي باغ مان ٻاهر روڊ تي آيو هن ارادو ڪيو ته اها سائيڪل ڪنهن کان وڪڻي ان مان پيسا ڪمايا. هي روڊ تي سائيڪل کڻي تيز هلائڻ لڳو جيئن جلدي پري نڪري وڃي. جيئن ئي سائيڪل کي تيز هلائيندو ويو ته سامهون ايندڙ گاڏي کي ڏسي وائڙو ٿي ويو سائيڪل هن جي ڪنٽرول نڪري

ويئي  هي وڃي هڪ ڪڏي ۾ ڪريو جنهن ڪي ڪري هي سخت زخمي ٿي پيو ۽ بيهوش ٿي ويو جڏهن اها ڪرڻ جي خبر هن جي مائٽن کي پيئي ته انهن هن کي اسپتال پهچايو جتي هن جو علاج هليو جڏهن هوش ۾ آيو ته هن پنهنجو پاڻ کي اسپتال ۾ ڏٺو ۽ پنهنجي مائٽن کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي جنهن تي مائٽن کي پشيماني ٿي ته اسان هن تي پهرين ڪنٽرول ڇو نه ڪيو. احمد پنهنجي اداس پيءُ کي ڏسي چيو ته بابا مون کي معاف ڪريو مون کي چوري جي سزا ملي ويئي آهي آئنده ائون اهو ڪڏو ڪم نه ڪندس. هن جي پيءُ مرڪي هن ڏانهن نهاريو چيو ته پٽ ڏس توکي چوري جي سزا ملي آهي هاڻي توکي سزا نه ڏيندس پر آئنده ڪڏهن به چوري نه ڪجان. ائين سزا ملندي آهي جيئن توکي ملي آهي

# ڏنار جو عقلمند پٽ

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ملڪ ۾ هڪ بادشاهہ ۾ هڪ ڏنار رهندو هو. بادشاهہ کي صرف هڪ نياڻي هئي ۽ ڏنار کي هڪ پٽ هو. جيڪو پنهنجي پيءُ سان گڏ ڏنار وارو ڌنڌو ڪندو هو ڏڻ ڪاهڻ ۾ پنهنجي پيءُ جي مدد ڪندو هو. هن ڪجهہ تعليم بہ حاصل ڪئي هئي. ڏنار هر وقت پنهنجي پٽ کي دعائون ڪندو رهندو هو تہ هو منزل ماڻيندو. هن طرف بادشاهہ کي هڪ نياڻي هئي اها بہ اچي جوان ٿي بادشاهہ کي هر وقت هن جو فڪر هوندو تہ هن جا هٿ پيلا ڪري پنهنجو فرض پورو ڪريان. پر بادشاهہ کي ڪو اهڙو رشتو نہ مليو ٿي. هڪ ڏينهن بادشاهہ پنهنجي خاص وزير کان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي جنهن بادشاهہ کي چيو تہ آئون ڪجهہ سوال اوهان کي ٻڌايان ٿو اوهان شهر ۾ پڙو ڏياريو تہ جيڪو بہ انهن سوالن جا جواب ڏيندو آئون پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان سان ڪندس. ٻئي ڏينهن بادشاهہ شهر ۾ پڙو ( ڍنڍورو) ڏياريو. مقرر وقت تي ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. جيڪي پنهنجي نصيب کي آزمائڻ آيا هئا. هن طرف ڏنار جي پٽ پنهنجي پيءُ کان اجازت ورتي تہ مون کي اجازت ڏيو تہ آئون بہ پنهنجو نصيب آزمائي ڏسان. ڏنار پنهنجي پٽ کي دعائون ڏيندي اجازت ڏني. بادشاهہ جي محل ۾ ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. بادشاهہ انهن کي چيو تہ جيڪو بہ منهنجي پنجن سوالن جا جواب صحيح ڏيندو آئون پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان سان ڪندس جيڪو جواب نہ ڏيندو ان تي ڪجهہ ڏنڊ وڌو ويندو. سيني اها بادشاهہ جي ڳالهہ مڃي. پوءِ بادشاهہ چيو تہ هاڻي سوال غور سان ٻڌو پهريون سوال آهي تہ اها ڪهڙي هستي آهي جنهن کان پوءِ دعا جا در ڄڻ بند ٿيو وڃن ؟ ٻيو سوال آهي تہ ڪهڙو اولاد سڀ کان وڏيڪ پنهنجي ماءُ پيءُ جي مٿان گهور ويندو آهي ؟ ٽيون سوال آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا وڍجڻ سان نئي ويڌجي ؟ چوٿون سوال آهي تہ انسان زندگي کي ڪيئن گذاري ؟ پنجون سوال آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا امير ۽ غريب جي گهر تي اچي ٿي ؟ سوال ڏيئي بادشاهہ آيل سيني کي چيو تہ هاڻي سيني کان واري واري سان سوالن جا جواب پڇبا پر ان کان اڳ ڪجهہ وير آئون فيصلي لاءِ مقرر ڪريان ٿو جيڪي اهو فيصلو ڪن تہ ڪنهن جا جواب صحيح آهن. وزير مقرر ڪرڻ کان پوءِ بادشاهہ هر ڪنهن کان واري واري سان سوال ڪندو رهيو جيڪي انهن جواب ڏنا اهي وزير لکندا ويا آخر ۾ ڏنار جو پٽ بيٺل هو ان کان سوالن جواب معلوم ڪيا ويا. آخر ۾ وزيرن چيو تہ هن ڏنار جي پٽ جي سڀ سوال

صحيح آهن. ٻهريون سوال هو ته اها ڪهڙي هستي آهي جنهن کان پوءِ ڇڻ دعا جا در بند ٿيو وڃن ؟ ان جو جواب هن ڏنو ته اها ماءُ جي هستي آهي. ٻيو سوال اهو هو ته ڪهڙو اولاد سڀ کان وڌيڪ پنهنجي ماءُ پيءُ مٿان گهور ويندو آهي ؟ ان جو جواب هن ڏنو ته اها ڌيءَ آهي جيڪا والدين مٿان گهور ورندي آهي اهو هن جو جواب صحيح آهي ڇاڪاڻ ته ڌيءَ پنهنجي والدين کي تڪليف نه ڏسڻ چاهيندي آهي. ٽيون سوال هو ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا وڌڻ سان ننڍي وڃي ؟ هن جواب ڏنو ته اهو ٻاڇو آهي هن جو اهو جواب به صحيح آهي ڇاڪاڻ ته ٻاڇي کي ڪيترا به ڏک هٽواهو نه وڃبو آهي. چوٿون سوال هو ته انسان زندگي ڪيئن گذاري ؟ هن جو جواب هو ته انسان ان شمع وانگر زندگي گذاري جيڪا پاڻ ته جلندي آهي پر ٻين کي سهائو ڏيندي آهي مطلب ته انسان پنهنجي لاءِ نه پر ٻين جي لاءِ به سوچي ٻين جي ڏکن درمانن کي پنهنجو سمجهي ٻين جي مدد ڪندو رهي. پنجون سوال هو اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا امير ۽ غريب جي گهر اڇي ٿي ؟ هن جواب ڏنو ته اها سج ۽ چنڊ جي روشني آهي جيڪا گلن تي پوي ته ڪنڊن تي به پوي ٿي امير جي گهر به اڇي ٿي ۽ غريب جي گهر به اڇي ٿي. بادشاهه وزيرن جو فيصلو ٻڌي ڏنار جي پٽ کي چيو ته اڄ تون ڪامياب ٿيو آهين هاڻي منهنجي ڌيءَ تنهنجي آهي ان سان تنهنجي شادي ڪرائيندس ۽ جيڪا تنهنجي خواهش هجي ته اها ٻڌايو ته ان کي پورو ڪريان. جنهن تي هن چيو بادشاهه سلامت توهان چيو هو ته جيڪو سوالن جا صحيح جواب نه ڏيندو انهن کان ڏنڊ ورتو ويندو منهنجي خواهش آهي ته هنن کان ڏنڊ نه ورتو هنن کي ڇڏيو وڃي. جنهن تي بادشاهه چيو ته ها هنن کي ان شرط تي ڏنڊ نه ورتو ويندو ۽ ڇڏيو ويندو ته هيءُ سڀ منهنجي ڌيءَ جي شادي ۾ شرڪت ڪندا. انهن آيل سيني بادشاهه جي اها دعوت قبول ڪئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بادشاهه جي ڌيءَ جي شادي وڏي شان شوڪت سان ڏنار جي پٽ سان ٿي. هاڻي محل ۾ ڏنار پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ خوش گذارڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ بادشاهه پنهنجي بادشاهت جي واڳ به هن جي حوالي ڪري ڇڏي هن اهڙي نموني حڪومت هلائي جو سڀ عوام هن مان خوش ٿي ۽ اهو ملڪ ترقي ڪندو ويو. ٻارو اسان کي به هنن سوالن تي غور ڪرڻ گهرجي هنن ۾ نصيحت به آهي ته ڄاڻ به آهي

# رهنمائي

سانوڻ جو پيءُ هڪ غريب هاري هو. جنهن جو تعلق هڪ ننڍي ڳوٺ سان هو. هن ڳوٺ ۾ علم جي روشن لاٽ تمام گهٽ هئي. پر سانوڻ جي پيءُ پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌي پنهنجي پٽ کي پڙهائڻ چاهيو ٿي هن جي اميد هئي ته منهنجو پٽ پڙهي پنهنجو نالو روشن ڪري. سانوڻ پنهنجي پيءُ جو اڪيلو پٽ هو هن جو پيءُ هن جي هر خواهش پوري ڪندو هو.پنهنجي پٽ کي  ڪڏهن به نراس نه ڪندو هو. سانوڻ ڳوٺ مان پڙهي پوءِ شهر جي اسڪول ۾ پڙهڻ آيو هتي هن جي دوستي انهن ڇوڪرن سان ٿي جيڪي ڪتابن سان محبت ڪندا هئا پڙهندا هئا. اهي سانوڻ کي به ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندا هئا ائين ڪتاب پڙهندي سانوڻ جي اندر ۾ جيڪو هڪ ليکڪ ويٺل هو اهو ظاهر پڻ لڳو.جڏهن هي ڪنهن به عنوان تي مضمون لکندو هو ته سڀ استاد هن جي واکاڻ ڪندا هئا. ان اسڪول ۾ هڪ اديب استاد به هو جيڪو وري سانوڻ جو سنڌي جو استاد هو. هڪ ڏينهن استاد اسٽاف روم ۾ هن جي مضمون چيڪ ڪندي  چيو ته مون کي هن ٻالڪ ۾ هڪ اهڙي شيءِ نظ اچي رهي جنهن سان هيءُ ديس جو وڏو نالو ٿيندو صرف هن کي رهنمائي جي ضرورت آهي. هن هڪ استاد کي چيو جيڪو اتي ويٺل هو ته هيءُ ٻالڪ جيڪي مضمون ۾ ڇوٽيون اصطلاح ڪم آڻي مضمون کي بهترين ڪري ٿو اهو هڪ اديب جو لڪل گڻ آهي ان تي ان استاد چيو ته هن کي رهنمائي جي ضرورت آهي هيءُ انشاء الله ديس جو وڏو نالو ٿيندو. هڪ ڏينهن هيءُ ڪلاس ۾ هاف ٽائيم ۾ هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو ته ڪتاب پڙهندي هن جي چهري تي خوشي اچي رهي هئي. سنڌي جي استاد هن کي ڏسي ورتو. هاف ٽائيم کان پوءَ استاد پٽيوالي کي چيو ته نائين ڪلاس ۾ سانوڻ کي وٺي اچ هن کي چئو ته هاف ٽائيم ۾ جيڪو توهان ڪتاب پڙهي رهيا هئا اهو به کڻي اچ  پٽيوالي جڏهن سانوڻ کي استاد جو نياپو ڏنو ته سانوڻ گهبرائجي ويو ۽ پريشان ٿيڻ لڳو ته اڄ استاد مون کي خبر نه آهي ڇو گهرايو آهي. هيءُ اسٽاف روم ۾ ويو استاد کي اهو ڪتاب ڏنو پر اداس ٿي ويو هو استاد هن کي چيو ته پٽ هن ڪتاب ۾ ڇا آهي جو تون هن کي پڙهندي مرڪي رهيو هوئين سانوڻ جڏهن استاد جا شفقت ڀريا لفظ ٻڌا ته هن کي ڪجهه ڍپ لٿو هن استاد کي ٻڇندي ٻڇندي چيو ته سائين هن ڪتاب ۾ منهنجي ڪهاڻي ۽ مضمون ڇپيو آهي ۽ منهنجي مضمون کي پهريون نمبر انعام مليو آهي. جنهن تي استاد هن کي چيو ته شاباس پٽ ائين محنت ڪندو رهه ۽ لکندو رهه منهنجي دعا آهي ته تون ديس جو هڪ روشن ستارو ٿيندي. جڏهن سانوڻ استاد جي طرفان اهي لفظ

ٻڌا ته هن جي اداسي ويئي  ڇهري تي خوشي  اچي ويئي ۽ ڇيائين جي سائين. وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ويو سانوڻ هاڻي شهر ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو پنهنجي ٻارن سميت شهر ۾ رهڻ لڳو هن جي دوستي اتي هڪ شاعر سان هئي شام جو ٻيئي پارڪ ۾ وڃي هڪ ٻئي کي پنهنجون ڪاوشون ٻڌائيندا هئا ٻئي مشهور هئا هڪ شاعر ٻيو ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نويس. هڪ ڏينهن سانوڻ پنهنجي ڳوٺ  هڪ دعوت تي وڃي رهيو هو ته هنن سان هڪ خطرناڪ حادثو پيش آيو جنهن ۾ هن جو سڄو گهر مري ويو صرف سانوڻ بچيو جيڪو جڏهن صحتمند ٿي اسپتال مان آيو ته هن جي ڇهري جي رونق ختم ٿي ويئي هر وقت اداس رهندو هو. هن جو دوست هن کي ڪافي سمجهائيندو هو پر هي ۽ چوندو هو ته زندگي هڪ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ مختلف ڪردار هلي رهيا آهن ڪڏهن اسان به آخري ڪهاڻي ٿي ويندا سين. هڪ ڏينهن هيءُ پارڪ ۾ ويو هڪ ڪاغذ تي ڪجهه لکيو ان جي مٿان مٿو رکيو ڇڏيو جڏهن هن جو دوست آيو ان هن کي سڏ ڪيا پر ورندي نه ڏني جڏهن هن کي مٿي کنيو ته هن جي روح جو پکي پرواز ڪري ويو پني تي لکيل هو هيءُ منهنجي آخري ڪهاڻي آهي ڳوٺ مان شهر آيس هڪ نالو ٿيس جيڪو اڳيان اچي ان جي رهنمائي ڪجو جيئن اهي به وڏا نالا ٿين پر انهن کي آخري ڪهاڻي ٿيڻ نه ڏجو.

# محنت جو ڦل

پيارا ٻارو اڄ آئون هڪ اهڙي ٻار جي ڳالهہ اوهان کي ٻڌايان ٿو جيڪو پنهنجي محنت سان هڪ اهم مقام تي پهتو. هڪ ڳوٺ ۾ نارو نالي هڪ هاري رهندو هو هن جو سيني کان ننڍ و پٽ ڏنو سيني جو دادلو هوندو هو. پر نارو پنهنجي هن پٽ جي لاءِ هر وقت اداس ۽ پريشان رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ نارو جي هن پٽ ۾ هڪ قدرتي عيب ننڍپڻ کان هوندو هو. هيءُ هر وقت اهو سوچيندو هو تہ ايندڙ جيڪو وقت آهي ان ۾ منهنجو پٽ پنهنجو جيون ڪيئن گذاريندو زماني جي حالتن سان ڪيئن منهن مقابل ٿيندو.اهو درد نارو کي جهوري رهيو هو. ڏنو جي روزانو هڪ عادت هوندي هئي تہ هيءُ صبح جو پنهنجي گهر کان نڪري هڪ گهٽيءَ جي ٿلهي تي چڙهي ويهندو هو اسڪول ويندڙ ٻارن کي پيو ڏ سندو هو ڪڏهن ڦاٽل ڪتاب ۽ اخبار جي ٽڪر کي ڪٽي پيو ڏسندو هو ڇڻ هو ان کي پڙهي رهيو آهي. هن جو بہ ڪو سپنو هو جنهن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان ئي رستي تان هڪ استاد بہ لنگهندو هو جيڪو ڏنو کي ڏسندو هو هن سان پيار سان کلي ملندو هو هن جي مٿي تي شفقت جو هٿ ڦيريندو هو. ڪڏهن ڏنو نہ هوندو هو تہ استاد ان جي پڇا ڪندو هو متان بيمار نہ هجي.هڪ ڏينهن معمول موجب استاد لنگهيو هن سان پيار سان مليو ۽ وڃڻ لڳو تہ ڏنو هن جي ٻانهن کي جهلي ورتو پنهنجي ٻاتي ٻولي ۾ استاد کي چيو تہ آئون بہ اسڪول هلندس آئون اتي پڙهندس مونکي اسڪول وٺي هلو. استاد چيس تہ تنهنجي بابا کان بہ پڇي وٺان تہ اهو ڇا ٿو چوي پر ڏنو پنهنجي تي تہ مون کي اسڪول وٺي هلو. اوچتو پريان نارو بہ اچي لنگهيو جنهن کي استاد سڏ ڪيو جڏهن نارو استاد وٽ آيو تہ استاد چيس تہ پٽڙو ڏنو ضد ڪري پيو تہ مون کي اسڪول وٺي هلو جنهن تي نارو چيو تہ منهنجو پٽ ڏنو.............. نارو ڪجهہ چوي استاد هن جي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽي چيو تہ نارو کي مون سان گڏ اسڪول وٺي هل نارو جڏهن استاد جي اهي لفظ ٻڌا تہ هن جي چهري تي ڄڻ هڪ فتح جي مرڪ اچي ويئي ڏنو پنهنجي محنت ۽ اخلاق سان هڪ اهڙو مقام ناهيو جو سڀ استاد هن کي پسند ڪرڻ لڳا هن سان پيار ڪرڻ لڳا ائين ڏنو پنج درجا پاس ڪيا نمبر کڻندڙ شاگردن کي انعام ڏيڻ لاءِ اسڪول ۾ والدين جو ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ ڪاتي جا آفيسر شهر جا معززين استاد والدين شامل هئا. ان پروگرام ۾ ڏنو بہ حصو وٺي رهيو هو جڏهن ڏنو کي سڏيو ويو تہ هن پنهنجي هڪ خاص انداز ۾ انگريزي ۾ ياد تقرير ڪئي جنهن جي ڪري سڀ هن جي قابليت تي حيران ٿي ويا هن کي وڏا انعام ملي رهيا

هئا هن جو پيءُ نارو جيڪو ان پروگرام ۾ ويٺل هو ان جي اکين مان خوشي جا لڙڪ وهي رهيا هئا هو پنهنجي پٽ جي ڪاميابي تي ناز ڪري رهيو هو.هي اڳتي وڌندو رهيو ميٽرڪ انٽر هن اي ون گريڊ ۾ پاس ڪئي اتي ٻه هن ڪافي انعام حاصل ڪيا استادن جي دل ۾ پنهنجي محنت سان هڪ خاص مقام ٺاهيو هو. هاڻي هن جي خواهش هئي تہ هيءُ يونيورسٽي ۾ پڙهي پر هن جي پيءُ اوچتن فسادن جي ڪري نٿي چاهيو تہ هيءُ اتي پڙهي ڏنو پنهنجي دل جي ڳالهہ پنهنجن استادن سان ڪئي هنن نارو کي راضي ڪيوءِ نارو انٽري ٽيسٽ ڏني جنهن ۾ هن سيني کان مٿي نمبر کنيا جنهن جي ڪري هڪ تہ هن کي پسند جي داخلا ملي ٻيو تہ هن کي اسڪالرشپ بہ ملي ويئي جنهن سان هن جي خواب پوري ٿيڻ جو رستو ملي ويو اتي ڏنو پنهنجي محنت سان پاڻ ملهايو جڏهن فائنل رزلٽ آئي تہ ڏنو پهريون نمبر کنيو جنهن ڪري هن ڪيترائي گولڊ ميڊل بہ مليا. اوچتو هن کي هڪ ڏينهن هڪ ليٽر مليو جنهن ۾ هن کي ٻاهر ملڪ ۾ پڙهڻ جي لاءِ اسڪالر شپ ملي ويئي هن جا استاد والدين هن تي ناز ڪرڻ لڳا هن جي محنت جي ڪري هن جو خواب پورو ٿي ويو هن کي محنت جو ڦل ملي ويو پيارا ٻارو توهان بہ ڏنو وانگر محنت ڪريو ڪاپي ڪلچر خلاف جنگ ڪريو تہ توهان کي محنت جو ڦل ويندو.

# همدردي

پيا را ٻارو اڄ آئون اوهان کي هڪ رحمدل ۽ همدرد ٻار جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿو. هن ٻار جو نالو احسان هو. هن هڪ دفعي پنهنجي استادن کان ٻڌو هو ته هرڪو پنهجي جيون جي لاءِ جيئي ٿو پنهنجي خوشين جي لاءِ ڪوشان رهي ٿو پر اصل زندگي جو مزو تڏهن ايندو آهي جڏهن ماڻهو ٻين ڪاڻ جيئي. رب پاڪ هن جي دل ۾ همدردي جو جذبو اڳ ئي پيدا ڪري ڇڏيو هو جڏهن هن استادن جي ڳالهه ٻڌي ته هيڪاري هن جو جوش جذبو وڌيو هن جي هڪ فطرت هوندي هئي ته صبح جو سوير اٿي ڇت تي ان جا داڻا ڇڏيندو هو جيئن پکي انهن کي چڳن ۽ ڀتين تي پاڻي جا ڪونڊا ڀري رکندو هو جنهن مان پکي پاڻي پيئن رڳو اهو نه پر هن گهر جي ٻاهران به هڪ ڪونڊو رکيو هو جنهن مان ڪتا ۽ ٻيا جانور به پاڻي پيئندا هئا. هر وقت هن کي ٻين سان همدردي ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. هن جا والدين هن جي ان عمل تي ڏاڍا سرها ٿيندا هئا. هن پنهنجي جيون ۾ ٻين جي لاءِ همدردي جو جزو رکيو آهي هي رڳو پکين جانورن جو نه پر جيت جڻي انسانن جو به خيال ڪندو هو. هر ڪنهن جي مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن جو واقعو آهي ته هيءُ پنهنجي گهر کان نڪري اسڪول طرف وڃي رهيو هو ان ڏينهن هن اهو رستو نه ورتو جتان روز ويندو هو پر اسڪول وڃڻ جي لاءِ ٻيو رستو ورتو جيڪو شهر جي ٻاهران ڦري اسڪول ويندو هو هن روڊ تي هڪ شادي حال ۽ به ٽي هوٽلون هنيون. جيئن ئي هيءُ ان رستي تان اسڪول وڃي رهيو هو ته هن هڪ جاءِ تي ڪجهه ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌو هيءُ يڪدم ان طرف ڏسڻ لڳو هن ڏٺو ته هڪ ٻار جنهن کي صرف هڪ چيڙي پيل هئي اهو شادي حال مان اڇلايل کاڌي مان ڪجهه ڳولي هڪ ٿيلهي ۾ وجهي رهيو هو هن جي ويجهو ڪتا آيا ٿي انهن کي هن ڀتر هنيا ٿي. جڏهن احسان هي منظر ڏٺو ته هن جي دل غمگين ٿي ويئي ته هڪ انسان جو اولاد ڪيئن نه پيٽ ٻاهه وسائڻ لاءِ اڇلايل کاڌي مان پنهنجي ضرورت جو کاڌو چونڊي رهيو آهي. احسان يڪدم ان ٻالڪ طرف روانو ٿيو هن ٻالڪ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ته ان ڇيو امان بکي آهي ادي بکي آهي انهن جي لاءِ کاڌو پيو ڳوليان جنهن تي احسان ان جي هٿ مان اها ٿيلهي ڦري اڇلي ته اهو ٻالڪ روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته امان ادي ٻن ڏينهن کان ڪجهه نه کاڌو آهي مون کي ڏي ته انهن کي کارايان ٻالڪ جي ڳالهين احسان کي هيڪاري اداس وڌو. هن کي ٻانهن کان وٺي پنهنجي گهر آيو جڏهن هن جي والدين هن کان اسڪول نه وڃڻ جو سبب پڇيو ته هن ڇيو

امان منهنجي لاءِ هن وقت اسڪول کان وڏيڪ هي ڪم آهي. پنهنجي ما ءُ کي سچو واقعو ٻڌايو ماءُ احسان جي هن عمل تي ڏاڍي خوش ٿي احسان جي ماءُان ٻالڪ جنهن جو بدن ميرو هو جسم تي ڪپڙا بہ نہ هئا ان کي وهنجاري ڪپڙا پائي تيار ڪيو ان بکايل ٻار جي بک ختم ڪرڻ لاءِ ان کي کاڌو کارايو تہ ٻالڪ چيو تہ آئون هيءُ کٽي ٿو وڃان امان ادي بکايل آهن جنهن تي احسان جي ماءُ چيس پٽ تون کاءُ انهن جي لاءِ بہ آهي. جڏهن هيءُ ٻالڪ کائي تيار ٿيو تہ احسان جي ماءُ ڪجهہ ڪپڙا ٿيلهي ۾ وڌا ۽ کاڌو بہ کنيو هن ٻالڪ سان گڏ احسان ۽ هن جي ماءُ بہ روانا ٿيا. جڏهن هيءُ در وٽ پهتا تہ هن جي ننڍڙي ڀيڻ ٻوڙي اڇي ڀاءُ کي ڇهتي ۾ چوڻ لڳي ادا بک لڳي آهي جنهن تي هن چيو منهنجي ڀيڻ لاءِ جام ماني جڏهن هي اندر داخل ٿيا تہ هن جي ماءُ کٽ تي بيمار پئي هئي جنهن هنن کي هٿ سان سلام ڪيو. جنهن جي اکين مان نير وهي رهيا هئا. احسان جي ماءُ ننڍڙي کي کاڌو ڏنو ۽ انهن جي ماءُ کي پاڻ کارايو ماني کائيندي چيائين تہ هنن جو پيءُ گذاري ويو آهي آئون بيماري ۾ پيئي آهيان هاڻي الله کان سواءِ هنن جو ڪير بہ نہ آهي جنهن تي احسان چيو تہ رب پاڪ هنن جي مدد جي لاءِ اسان کي موقعو ڏنو آهي. احسان پنهنجي ماءُ جي طرف نهاري چيو تہ امان پاڻ کي رب پاڪ سڀ ڪجهہ ڏنو آهي اصل ڪم بہ اهو آهي تہ اسان هنن کي خوشيون ڏيون. پاڻ واري گهر جي پنيان جيڪو ڪمرو آهي اتي هنن کي رهڻ لا وٺي هلون منهنجي خواهش آهي تہ هنن جي هٿن ۾ ڪچري تان کاڌو ميڙڻ جون ٿيلهيون نہ پر علم جا ڪتاب هجن. ماءُ احسان کي سيني سان لڳايو ۽ هن جي اکين مان خوشي جا لڙڪ وهڻ لڳا تہ منهنجي پٽ کي ٻين جي لاءِ ڪيڏي نہ همدردي آهي. هاڻي هيءُ احسان جي گهر جي پر ۾ رهڻ لڳا هي هنن جي ماءُ جو بہ علاج ڪرائڻ لڳا احسان روز هنن ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ کي وٺي اسڪول ويندو. احسان جي همدردي جي جذبي جي ڪري ڪنهنجا اهنج سهنجن ۾ بدلجي ويا. جيڪي هنن غريبن جا خواب هئا اهي ساپيا ٿيڻ لڳا. پيارا ٻارو اسان کي بہ ڏسڻ گهرجي تہ اسان جي پاڙي ۾ بہ ڪو بکايل ، ڪپڙن بغير جيون گهاريندڙ ۽ ڏکايل ٻار تہ نہ آهي اهڙو ٻار جيڪو مجبوري سبب اسڪول نہ ويندو هجي تہ اسان ان جي مدد ڪريون اصل زندگي جو مزو ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ آهي جنهن جو اجورو اسان کي اسان جو رب پاڪ ڏيندو.

# جانورن جي محبت

هو اسان جي پاڙي ۾ ڪافي وقت کان رهندو هو ذات جو شيدي هو جنهن ڪري ٻار هن کي چاچا شيدي ڪري چوندا هئا پر هيءُ ٻارن تي ناراض نه ٿيندو پر خوش ٿيندو هو هر موڪل جي ڏينهن ٻار هن جي چوگرد ٻاري ٻڌي ويهندا هئا هيءُ ٻارن کي ڪهاڻيون ۽ گيت ٻڌائيندو هو ٻار پيا ٽهڪ ڏيندا هئا جنهن تي هيءُ به پيو مرڪندو هو. هيءُ ڪافي وقت کان هتي رهندو هو ڪڏهن ٻار هن کان پڇندا هئا ته هيءُ چوندو هو ته منهنجو ڳوٺ ويجهو آهي مون شادي ڪان ڪئي هڪ ڇوڪري نپائي هئي جنهن جي شادي ڪرائي ڇڏي هاڻي هتي رهندو آهيان هتي مون کي سڪون ملي ٿو.هيءُ ڪنهن کان ڪجهه ڪونه گهرندو هو جڏهن بک لڳندي هيس ته به ماٺ ڪريو ويٺو هوندو هو پوءِ ٻار هن کي ماني آٽي ڏيندا هئا جنهن مان ڪجهه پاڻ کائيندو هو ته ڪجهه اتي موجود ڪتن کي ڏيندو هو چوندو هو ته هي بي زبان آهن گهري ڪونه ٿا سگهن هنن کي بک لڳندي هوندي اتي هڪ گهوڙو هوندو هو ان جي پيو خدمت ڪندو هو گهوڙو هن کان هري مري ويو هو هڪ دفعي گهوڙو پڇجي ويو گهڻن ڪوشش ڪئي پر گهوڙي ڪنهن کي به ٻک نه ڏنو هي جڏهن گهوڙي وٽ ويو ته گهوڙو ماٺ ڪري بيهي رهيو هيءُ گهوڙي کي وٺي آيو. جڏهن ڪتن جا ننڍا گلر ٿيندا هئا ته برسات ۾ هيءُ انهن کي ڪنهن مٿي واري جاءِ تي ويهاريندو هو سردي جي موسم ۾ انهن کي جهوپڙي ناهي ڏيندو هو جتي اهي سردي کان بچند اهئا.هيءُ چوندو هو ته هيءُ بي زبان آهن هنن جي تڪليف ڪنهن کي ڪيئن سمجهه ۾ ايندي هيءُ ته ڪنهن سان پنهنجو سور به سلي نٿا سگهن. جانور هن سان اهڙو ته هري ويا هئا جو جڏهن هيءُ ايندو هو ته جانورن جي نگاهه هن جي طرف ويندي هئي ڪتا ۽ گلر هن جي پيرن ۾ پيا چنبڙندا هئا. هڪ ڏينهن هيءُ اداس ۽ خاموش ويٺو هو ٻارن چيو ته چاچا شيدي کي ڇا ٿيو آهي اج ڳالهائي ڪونه ٿو هڪ ڊاڪٽر کي وٺي هن جي طبيعت ڏيکاري ويئي ته ان چيو ته هن کي ڊائريا ٿي هئي ان جي ڪري هن جي جسم ۾ پاڻي گهٽ آهي ۽ رت به گهٽ آهي هن کي داخل ڪرايو پر هيءُ ضد ڪري ويهي رهيو ته آئون اسپتال ۾ داخل نه ٿيندس مون کي هتي ئي حب ۽ دوا ڏيو. ڊاڪٽر ٻڌايو ته هن جو ضد آهي ان جي ڪري هن جو بچڻ محال آهي هن کي سمجهايو پر هن هڪ به نه ٻڌي. هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو اسان ڏٺو گهوڙي ۽ مينهن جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ڪتا ۽ گلر هن جي کٽ جي چوڌاري ويٺا هئا هيءُ کٽ تي ليٽيو پيو هو اس هن جي مٿان وري ويئي آهي هن کي سڏ ڪيا ويا پر هيءُ نه اٿيو ڊاڪٽر کي گهرايو ويو جنهن چيو ته هاڻي هيءُ

هن جهان ۾ نہ آهي. هن جي مائٽن کي گهرايو ويو. جن جي مدد سان غسل ۽ ڪفن ڏنو ويو پر بي زبان سپ اتي بيٺا رهيا. جڏهن هن جو ميت اباڻي ڳوٺ ڏانهن گاڏي ۾ رکيو ويو تہ ڪتا ۽ گلر ان گاڏي جي چوطرف ويهي رهيا. ڪافي پنڌ گاڏي سان گڏ ڊوڙندا رهيا. جيڪي ماڻهو اتي هئا انهن جي زبان مان اهي لفظ نڪتا تہ جانورن جي وفا ۽ محبت ڏٺو تہ ڪيئن نہ اڄ هيءُ بي زبان بہ اداس آهن.اها آهي جانورن جي محبت ان سان جيڪو جانورن جي خدمت ڪندو هو

# اصل عيد

عيد جو ڏينهن ، اداس چهرو ، اٽين وارن سان ، ڦاٽل ڪپڙا پهري ، هر ويندڙ ٻار ڏانهن ڏسندي لڙڪ لاڙي ٿو.سهڻن پهريل ڪپڙن ٻارن جي پنيان هلندو وڃي ٿو. جي عيد جي ڏهاڙي دوڪان هئا اتي پهچي ٿو جتي ٻارن ۽ وڏن جو هجوم هو هڪ دوڪان تي خوبصورت رانديڪا ڏسي اتي بيهي انهن رانديڪن کي ڏسي ٿو.دوڪان وارو چويس ٿو تہ چا کپي ان کي جواب ڏي ٿو چاچا ڪجهہ نہ غريب آهيان. دوڪان وارو ڏڪو ڏيس ٿو روڊ جي پاسي ۾ هڪ بزرگ جي پير ۾ ڪري ٿو جيڪو کيس اٿاري ٿو. انکي چوي ٿو چاچا بابا معذور آهي امان بيمار آهي دل جي خواهش کي پورو ڪرڻ رانديڪن کي ڏسڻ غريبي جو هئڻ ڏڪا کائڻ مقدر آهي. بزرگ هن جي اکين مان وهندڙ لڙڪن کي اگهي ياڪرن ۾ پري ٿو هڪ راندڪو وٺي ڏيس ٿو جيڪو هي ڏسي خوش ٿئي ٿو. خوش خوش تي گهر ڏانهن وڃي ٿو بزرگ هن کي ڏسندو رهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ خبر نہ آهي هن جهڙا ڪيترا معصوم ٻار هوندا جيڪي دلين ۾ حسرت کڻيو ائين پيا ڏڪا ٿاٻا کائيندا هوندا جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن سان گڏ انهن کي بہ هڪ رانديڪو وٺي ڏيون تہ اهي بہ اصل عيد ڪري سگهندا.

# گڏڙيءَ جي گڏي

صبح جو جڏهن پکي پنهنجي رب جي وحدانيت ڪندي رزق جي ڳولا ۾ پنهنجا آکيرا ڇڏي هن ڪائنات تي نڪري رهيا هئا ان وقت هي بہ تيار ٿي پنهنجي روزي جي تلاش ۾ نڪتو هن کي هن جي گڏڙي چيو بابا منهنجي لاءِ گڏي وٺي اچجو. اڄ هن کي پورو يقين هو تہ مون کي ڪم ملندو جنهن جي اجوري مان پنهنجي گڏڙي جي لاءِ هڪ سهڻي گڏڙي وٺندس.جنهن سان هيءَ باغ بهار ٿي ويندي. هيءُ انهن ئي سوچن ۾ مزورن جي پڙي ۾ پهچي ويو جتي اڳ جي پيٽ ۾ وڏيڪ مزور هئا هن کي اهي سوچون سوچڻ تي مجبور ڪري رهيو هنيون تہ اڄ مزور جام آهن خبر نہ آهي ڪم ملندو يا نہ ئي منهنجي گڏڙي جي فرمائش پوري ٿيندي يا نہ انهن سوچن مان هي تڏهن نڪتو جڏهن هن جي ڪلهي تي هڪ هٿ جو ڇهاءُ هن محسوس ڪيو هن پوئتي ڏٺو تہ هڪ نوجوان هو جنهن چيس تہ چاچا هڪ ڪڏو ڪوٺڙو آهي تون مون ساڻ هلندي هن هائوڪار ڪئي ۽ ان سان گڏ هلڻ لڳو. جڏهن سج هاٽي لڪڻ وارو هو تہ هن بہ پنهنجو ڪم پورو ڪيو هن کي سندس ڪيل مزوري جا چار ڳاڙها نوٽ مليا جيڪي هيءُ وٺي خوش ي سان بازار ويو ۽ هن پنهنجي معصوم گڏڙي جي لاءِ هڪ سهڻي گڏي ورتي. ان کي هٿن ۾ سمائيندو پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. هيءُ اڃا گهر کان چند قدم پري هو هن جي منهن مان خوشي ٻهڪي رهي هئي.اوچتو هڪ تيز رفتار ڪار آئي جنهن هن کي اهڙو ڏڪ هنيو جو هيءُ پري ڪريو ۽ خاموش ٿي ويو پٽ هن جي ريٽي رنگ سان رنڱجي ويو تڏهن بہ گڏي هن جي هٿ ۾ هئي نگاهہ هن جي گر طتف هئي جڻ پنهنجي گڏڙي کي سڏي رهيو تہ منهنجي گڏڙي ڊوڙي اچ مون تنهنجي لاءِ هڪ سهڻي گڏي آندي آهي اها مون کان وٺ آئون وڃان پيو...

# ننڍڙي ماڪوڙي

پيارا ٻاروا ڄ اوهان کي هڪ ننڍڙي ماڪوڙي جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿو. توهان کي خبر هوندي ته ماڪوڙين جي پاڻ ۾ محبت پيار ۽ ٻڌي هوندي آهي. اهي هميشه هڪ قطار ۾ گڏ هلنديون آهن جڏهن هڪ ٻئي سان ملنديون آهن ته هڪ ٻئي کي هر خطري کان هوشيار ڪنديون آهن.هڪ ئي جاءِ تي گڏ رهنديون آهن.هنن ۾ ڪنهن به قسم جو نفاق نه آهي هڪٻئي جو هر وقت ساٿ ڏينديون آهن. هنن ماڪوڙين جي ولر ۾ هڪ ننڍڙي ماڪوڙي به هئي هڪ ڏينهن ماڪوڙيون خوراڪ جي ڳولا ۾ نڪتيون ته ننڍڙي ماڪوڙي به هنن سان گڏ هلي ماڪوڙين جي هڪ فطرت هوندي آهي ته جڏهن برسات جي موسم شروع ٿيڻ واري هوندي آهي ته هيءَ پنهنجو کاڌو گڏ ڪري رکنديون آهن جيئن ڏکئي وقت ته هنن کي ڪم اچي.سڀ ماوڙيون کاڌو ڳولي رهيون هيون پر ننڍڙي ماڪوڙي پنهنجي ڌن ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهي هئي. ائين ٻيون ماڪوڙيون کاڌو ڳولي ڪٺي ويون هليون ننڍڙي ماڪوڙي اتي رهجي ويئي جڏهن هيءَ پنهنجي مستي مان واندي ٿي ته هن ڏٺو ته ٻيون سڀ ماڪوڙيون ويون هليون آهن هاڻي هيءَ اداس ۽ پريشان ٿي وئي ته ڇا ڪري هاڻي آئون پنهنجي جاءِ تي ڪيئن رسنديس جيڪڏهن مون کي ڪنهن پکي ڏٺو ته اهو مون کي کائي ويندو.يا ڪو مون کي پيرن سان چيپاٽي ويندو.هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي 7 پنهنجي بچاءُ جي لاءِ ڪا جڳهه ڳولڻ لڳي هن ڏٺو ته هڪ ٻوٽي جي پير ۾ هڪ پٿر پيو هو جنهن ۾ ٿوري جاءِ ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي.هن سوچيو ته ڪجهه دير اتي پناهه وٺان ٿي پوءِ پنهنجي ساٿين جي ڳولا ڪريان ٿي هيءَ اچا پٿر وٽ مس پهتي ته ڪڪرن به وسڻ شروع ڪيو.هيءَ ويتر پريشان ٿي وئي ته هاڻي ڇا ٿيندو ڪيئن وينديس.. هتي جڏهن سڀ ماڪوڙيون پهتيون ته ننڍڙي ماڪوڙي کي نه ڏسي اهي به پريشان ٿي ويون ته خبر نه آهي ڪٿي هوندي يا ڪنهن پکي جو کاڄ بنجي وئي هوندي سيني ماڪوڙين چيو برسات بند ٿئي ته ان کي ڳولڻ هلون متان ملي وڃي رڳو هن کي ڪجهه نه ٿيو هجي ننڍڙي ماڪوڙي کي بک اچي ورايو پر کاڌو ڪٿان آڻي جڏهن برسات بند ٿي اتان هڪ ماڻهو لنگهيو جنهن جي ٿيلهي ٿوري ڦاٽل هئي ان مان کنڊ ڪري رهي هئي هن به پٿر هيٺيان نڪري کنڊ کي کائڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو پيٽ ڀريو هن کي پڪ هئي ته ٻيون ماڪوڙيون هن کي ڳولينديون هتي ضرور اينديون ان وقت تائين آئون پنهنجو کاڌو گڏ ڪري رکان هن پنهنجي طاقت سارو کاڌو گڏ ڪيو ٻيون ماڪوڙيون هن کي ڳولڻ نڪتيون اچي ان جاءِ تي پهتيون جتي ننڍڙي ماڪوڙي

هئي پر اها هنن کي ڏسڻ ۾ نه آئي هنن پنهنجي آواز ۾ هن کي سڏ ڪيا ننڍڙي ماڪوڙي هنن جا سڏ ٻڌي هنن وٽ آئي. ننڍڙي ماڪوڙي هنن سان ملي هنن چيو ته هتي ڪاڏو پيو آهي ان کي ڪٽي ٽيون هلون سيني ڪاڏو ڪٽڻ شروع ڪيو ننڍڙي ماڪوڙي به هڪ داڻو ڪنيو جيڪو هن جي ڪٽڻ کان ڳرو هو سيني چيس ته اهو نه کڻ پر هيءَ ضد ڪري ويهي رهي ته آئون اهو کڻنديس آخر ٻين ماڪوڙين هن جي ضد جي ڪري هن جي مدد ڪئي اهو وڏو داڻو ڪنيو. سيئي ماڪوڙيون اناج کڻي پنهنجي جاءِ ي پهتيون سڀ خوش هيون ته هنن کي ننڍڙي ماڪوڙي به ملي ويئي ۽ ڪاڏو به ملي ويو اتي ننڍڙي ماڪوڙي چيو ته مون کي معاف ڪريو اڳتي توهان کي پري نه ٿينديس راند نه رهنديس ڪابه حرڪت نه ڪنديس مون کي نافرماني جي سزا ملي وئي آهي ٻيون ماڪوڙيون هن جي ڳالهه تي مرڪيون ۽ سدائين پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جو واعدو ڪيو. ٻارو اسان کي هن مان اهو سبق ٿو ملي ته نافرماني نه ڪريون پنهنجن ساٿين کي ڪڏهن به نه ڇڏيون ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪريون

# هيرن جواهرن جو ٽيلهو

هڪ ڳوٺ ۾ احمد نالي هڪ ايماندار ۽ محنتي مزدور رهندو هو.هن جي سچائي ۽ ايمانداري جي سڄي ڳوٺ ۾ هاڪ هوندي هئي.هن جي اڳيان لکين روپيا پيا هجن پر هيءُ انهن کي هٿ به نه لائيندو هو. هيءُ چوندو هو ته جيڪڏهن ڪا به شيءِ رستي تي ملي ته ان کي پنهنجي نه سمجهجي پر ان کي ڪنهن جي امانت سمجهي ان جي مالڪ تائين پهچائجي. جيڪڏهن ان جو مالڪ نه ملي سگهي ته اها امانت ڪري پاڻ وٽ رکجي. هن جو اهو به چوڻ هوندو هو ته هڪ استاد مون کي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن لکين روپيا حلال جا هجن ان ۾ هڪ پيسو حرام جو ملائجي ته سڀ حرام ٿي ويندا آهن حرام ۾ برڪت نه هوندي آهي.احمد کي صرف هڪ نياڻي هئي جنهن سان هيءُ بيحد محبت ڪندو هو چوندو هو ته منهنجو پٽ به اها آهي ڌيءَ به اها آهي.ان کي به ايمانداري جو سبق پڙهايو هو.احمد روز شهر ويندو هو جيڪا به مزوري ملندي هئي اها ڪندو هو ڪنهن به ڪم جو جواب نه ڏيندو هو چوندو هومتان ان ۾ منهنجو رزق هجي جيڪو حلال جو ملي اهو سٺو آهي.شام جو وري واپس گهر موٽي ايندو هو هن جي ٿوري ڪمائي تي به هن جو گهر خوشحال هوندو هو. سٺي نموني سان هلي رهيو هو هن کي ڪنهن جي اڳيان به هٿ ٽنگڻ يا قرض گهرڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي.هيءُ اهو به چوندو ته منهنجي حلال جي ڪمائي ۾ رب پاڪ برڪت وڌي آهي ان جي ڪري آئون سکيو ستابو گذاري رهيو آهيان. هن کي جيڪو ڪم مزوري ڪرڻ جي لاءِ ملندو هو اهو ڪندو هو، ڪنهن کي جواب نه ڏيندو هو چوندو هو اها رب پاڪ مون ڏانهن روزي موڪلي آهي.هيءُ محنت کي عظمت سمجهندو هو. انهيءَ ڳوٺ ۾ صابو نالي هڪ ڪپڙي جو دوڪاندار هو ان هڪ ڏينهن احمد کي چيو ته هڪ پٽ ڪٽائڻي آهي ان جي لاءِ تون مون کي بنياد کوٽي ڏي. صابو به هڪ ايماندار دوڪاندار هو. هن جو چوڻ هو ته حڪم ٽيل آهي ته مزور کان گهٽو ڪم نه وٺجي ان جوڪم اجورو هن کي ڏنو وڃي.هيءُ چوندو هو ته جيڪي منهنجي دوڪان ۾ سهڻا ۽ خوبصورت ڪپڙا آهن اهو دنيا جو ڏيک آهي اصل ڪپڙو ڪم جو اهو جيڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ سان کڻي وڃي ٿو.يعني نيڪ ۽ صالح عمل. هن کي ڪوبه اولاد نه هو جنهن ڪري ڳوٺ جي ٻارن سان بيحد پيار ڪندو هو انهن کي پنهنجو اولاد سمجهندو هو جيڪي غريبن جا ٻار پڙهندا هئا انهن جي مدد ڪندو رهندو هو چوندو هيءُ پيسو هٿن جي مير آهي اج آهي سڀاڻي نه هوندو. احمد جيئن هن جي گهر جي پٽ لاءِ بنيا کوٽي رهيو هو ته ٽيڪم ڪنهن شيءِ ۾ قابوٿي ويو. هن ان کي کوٽي ڪڍيو ته

هڪ ٿيلهو نڪتو جنهن کي هن کوليو ته اهو هيرن جواهرن سان ڀريو پيو هو هيءُ اهو ٿيلهو کڻي صابو وٽ آيو ان کي چيائين ته توهان جي گهر جي حصي مان مون کي هيءُ ٿيلهو مليو آهي جيڪو اوهان جي امانت آهي اهو ڏيڻ آيو آهيان هيءُ مون کان وٺو ته آئون ڪم تي وڃان. صابو چيو ته هن جو آئون مالڪ نه آهيان هيءُ تنهنجو آهي توکي مليو آهي انتي احمد هن کي چيو ته هن جو حقدار آئون نه آهيان جنهن تي صابو چيس ته پوءِ هيءُ ولڻ جو آهي چاڪاڻ ته هيءُ گهر مون ان کان ورتو هو هيءُ ٻئي ڄڻا ولڻ ڏانهن ويا رستي ۾ هنن کي ولڻ جو پٽ مليو جنهن کان هنن ولڻ جو پڇيو جنهن هنن کي چيو بابا اسڪول وٽ ويٺو آهي چاڪاڻ ولڻ اسڪول وٽ ڇڻن جو گاڏو هڻندو هو جنهن ۾ هيءُ عيب نه سمجهندو هو چوندو ته اهو به پورهيو آهي. هيءُ ٻئي ڄڻا ولڻ وٽ ويا جنهن کي سڄو قصو ٻڌايو جنهن تي هن صابوءَ احمد کي چيو ته ان ٿيلهي تي منهنجو حق نه آهي مون پلاٽ صابو کي وڪڻي ڏنو هو هاڻي ان جو مالڪ صابو آهي هيءُ ٿيلهو به صابو جو آهي صابو وري چيو ته هيءُ ٿيلهو منهنجو نه آهي احمد جو آهي جنهن کي بنياد کوٽيندي مليو آهي يا توهان جو آهي جو اڳ پلاٽ توهان وٽ هو هنن جو اهو معاملو هلندو رهيو هرڪو پنهنجي ڳالهه تي قائم بيٺو هو. آخر ولڻ چيو ته هلو ته هلي فيصلو ٿا ڪرايون ته ان ٿيلهي جو حقدار ڪير آهي ؟ هاڻي هيءُ سوچڻ لڳا ته فيصلو ڪرائجي ته ڪنهن کان ڪرائجي ؟ اهڙو ڪو انسان هجي جيڪو حق وارو فيصلو ڪري جيئن جيڪو هن ٿيلهي جو حقدار آهي ان کي هيرن جواهرن وارو اهو ٿيلهو ملي وڃي.ڪهڙو ماڻهو آهي ؟ جنهن وٽ هلجي ٽيئي ڄڻا سوچن ۾ پئجي ويا سوچي سوچي صابو چيو ته هلو ته سائين خان محمد وٽ هلون اهو پنهنجي ڳوٺ ۾ سڀني کان عمر ۾ وڏو آهي ۽ سڄي ڳوٺ جو استاد آهي سڀ ڳوٺ وارا ٽئين نسل کان سواءِ سائين وٽ پڙهيا آهن ان وٽ هلجي ٽيئي راضي ٿي ويا ٽيئي ڄڻا گڏجي سائين خان محمد وٽ آيا ان کي ان ٿيلهي جو سڄو قصو ٻڌايو هنن جو قصو ٻڌي سائين خان محمد چيو ته مون کي توهان سوچن ۾ وجهي ڇڏيو آهي ڏکيو مسئلو آهي هاڻي ان تي غور ويچار ڪجي ته ان ٿيلهي جو حقدار ڪير آهي ؟ توهان ٽيئي ڄڻا چئوٽا ته اسان ان ٿيلهي جا حقدار نه آهيون توهان مان ڪو به اهو ٿيلهو کڻڻ لاءِ راضي نه آهي. ڪجهه دير کان پوءِ سائين خان محمد چيو ته جيڪڏهن توهان ناراض نه ٿيو ته منهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالهه آئي آهي چئو ته توهان کي ٻڌايا جنهن تي هنن ٽنهي چيو ته سائين توهان اسان جا استاد آهيو جڻ اسان جا بابا آهيو توهان جيڪو به فيصلو ڪندا اسان ٽنهي کي قبول آهي. جنهن تي سائين خان محمد چيو ته صابو توکي اولاد نه آهي احمد کي هڪ ڌيءَ آهي ولڻ کي هڪ پٽ آهي ڇو نه پاڻ انهن جي شادي ڪرائي هيءُ مليل ٿيلهو انهن کي ڏيئي ڇڏيون جيئن هو پنهنجو جيون سکيو گذارين.

صابو چيو تہ سائين منهنجو پنهنجو اولاد نہ آهي پر ڳوٺ جا سڀ ٻار منهنجا آهن احمد جي ڌيءَ ۽ ولڻ جو پٽ بہ منهنجا آهن. هاڻي هيءُ ٻئي ڇا ٿا چون ولڻ چيو سائين جيڪڏهن نصيب ۾ هنن جي شادي لکيل آهي مون کي قبول آهي احمد چيو تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن نياڻي جي شادي ڪرائڻي آهي جيڪڏهن هن جو نصيب ولڻ جي پٽ سان لکيل آهي تہ مون کي قبول آهي ٽيئي ڄڻا هن ڳالھ تي راضي ٿيا پر هنن سائين خان محمد کي چيو تہ هن شادي جا سربراھ توهان آهيو هيءُ هيرن جواهرن جو ٿيلهو بہ توهان رکو شادي جي موقعي تي انهن کي توهان ڏجو. وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ويو هڪ ڏينهن اهو بہ آيو جڏهن احمد جي ڌيءَ ۽ صابو جي پٽ جي شادي ٿي. شادي کان پوءِ موڪلاڻي جي وقت سائين خان محمد هنن ٽنهي ڄڻن کي سڏ ڪيو ۽ چارئي گڏجي گهوٽ ۽ ڪنوار وٽ آيا.انهن کي سڪئي رهڻ جون دعائون ڏيئي سائين خان محمد اهو ٿيلهو انهن جي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيو تہ هيءُ هنن ٽنهي جي ايمانداري ۽ سچائي جو انعام آهي جيڪو اوهان جي نصيب ۾ آيو آهي هيءُ وٺو پنهنجي نئين سفر کي سهڻي نموني گذاريو. رخصتي کان پوءِ هنن ٽنهي استاد کي چيو تہ سائين واھ جو فيصلو ڪيو آهي توهان جي فيصلي سان دوستي بہ مضبوط ٿي ۽ اها دوستي رشتيداري ۾ بدلجي ويئي هيءُ اسان جو اولاد تہ آهن پر صابو جو بہ آهن ڇاڪاڻ تہ صابو هنن کي پيار ڪيو هنن سان ڪيڏيو آهي اولاد جي زندگي سکي ٿي پاڻ تان بہ فرض لهي ويو ان بعد سيئي هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملي پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن مشڪندي روانا ٿيا. هيرن جواهرن جي ٿيلهي جو بہ معاملو حل ٿي ويو.

# ٻڌي ۾ طاقت آهي

احسن هڪ ننڍي ڳوٺ جو هوندو هو جتي ڪا بہ سٺي سهولت نہ هوندي هئي هن جو پيءُ محنت ۽ مزوري ڪندو هو. احسن جي پيءُ جي خواهش هئي تہ منهنجو پٽ علم جي سونهن ۾ سوپيا سان سينگارجي پر هن ڳوٺ ۾ ڪوبہ اسڪول نہ جنهن ڪري هن جو خواب اڌورو هوندو هو. اسڪول ڳوٺ کان تمام گهڻو پري هوندو هو جنهن ڪري ٻار اسڪول نہ ويندا هئا سڄو ڏينهن پيا رانديون ڪندا هئا ڪي ٻار مال بہ چاريندا هئا. احسن جي پيءُ ڪي اها ڳالهہ پسند نہ هئي تہ منهنجو پٽ بہ مون وانگر مزوري ڪري پيا ٻار سڄو ڏينهن راند روند پيا ڪندا هئا پر احسن گهر ۾ هوندو هو. هڪ ڏينهن هن جو پيءُ جيئن ئي مزوري تان گهر آيو هن ڏٺو تہ اهشن اڱڻ ۾ ويٺو هو هن جي اڳيان پٽ تي اخبارن جا پنا پيا هئا ۽ انهن کي ڏسندو پٽ تي ليڪا ڪڍي رهيو هو سندس پيءُ پڇيس پٽ ڇا ڪري رهيو ان کي ڇپائين تہ لکي رهيو آهيان جيڪو هنن پنن تي لکيل آهي هن جو پيءُ ڏاڍو خوش ٿيو تہ منهنجي پٽ کي پڙهڻ جو شوق آهي هن پڇيس تہ بابا اسڪول ويندين انتي هن چيو تہ بابا هتي اسڪول آهي نہ اهو پري آهي آئون ڪيئن ويندس پيءُ چيس تہ اهو بندوبست ڪريان ٿو احسن جي پيءُ پنهنجي پٽ جو شوق ڏسي هڪ سائيڪل ورتي ان سائيڪل تي احسن کي اسڪول وٺي ويندو هو ۽ پنهنجي دوست کي هن جي پارت ڪيئي احسن ان جي ٻارن سان گڏ ان جي گهر ويندو هو شام جو هن کي وٺي ايندو هو ائين احسن پڙهندو رهيو هن پنج درجا پاس ڪيا تہ پيءُ وري هن کي بہ سائيڪل وٺي ڏني ڇو جو هيءُ هاڻي سائيڪل هلائڻ بہ سکي ويو هو هن کي اسڪول ويندو ڏسي ڳوٺ جا ٻيا ٻار بہ اسڪول وڃڻ جو ضد ڪرڻ لڳو پر اسڪول پري هئڻ سبب اهي اسڪول نہ ٿي وڃي سگهيا.احسن جيڪا علم جي جوت ڪنئي هئي ان جا ڪرڻا هاڻي روشني ڪري رهيا هئا احسن پڙهندو رهيو آخر هن جي پيءُ جو خواب پورو ٿيو احسن کي نوڪري ملي ويئي.احسن کي هڪ ڳالهہ اندر ۾ وڍ وجهندي هئي تہ منهنجي ڳوٺ جا ٻيا ٻار بہ پڙهي پون انهن جي والدين جا بہ خواب پورا ٿين هن ڪوشش ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول کولرايو جتي ٻار علم جو زيور پائڻ ويندا هئا پر اسڪول جي عمارت نہ هئڻ جي ڪري ٻار ڇني ۽ وڻن جي هينيان تعليم حاصل ڪندا هئا. هڪ ڏينهن احسن پنهنجي پيءُ کي چيو تہ بابا پنهنجو گهر وڏو آهي ان مان ٽيون حصو ڪٽي اتي اسڪول ٺاهيون جيئن ٻار اتي تعليم حاصل ڪن

جنهن تي پيءُ چيس پٽ زمين پلي اسڪول کي ڏي پر اهو ٻڌندو ڪيئن ان لاءِ پيسا ڪپن احسن چيو تہ بابا ان جو بندوبست ڪريان ٿو اهو اسڪول ٺهي ويندو هڪ ڏينهن شام جو هن سڀني ڳوٺ وارن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو جڏهن سڀ ڳوٺ وارا اچي ويا تہ هن چيو تہ آئون توهان مان آهيان توهان مون مان آهيو هن ڳوٺ جي زمين تي مون جنم ورتو آهي توهان بہ ورتو آهي مون هن ڳوٺ جي زمين جو ان ۽ پاڻي پيتو آهي توهان بہ پيتو آهي واپس هن ڳوٺ جي مٽي جي آگوش ۾ ويندا سين پاڻ تي هن ڳوٺ جو حق آهي پاڻ سڀ هڪ ٿي وڃون تہ ڳوٺ جا مسئلا حل ٿي ويندا ڏسو ماڪوڙيون پاڻ ۾ ڪيئن نہ ٻڌي ڪري قطار ٺاهي هلنديون آهن جڏهن ڪا شيءِ ڳري هوندي آهي تہ سڀ گڏجي ان کي کڻنديون آهن ۽ ڪامياب ٿينديون آهن تنهن ڪري اچو تہ اسان سڀ گڏجي پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول جي عمارت ٺاهيون جيئن اسان جا ٻار آرام سان پڙهي سگهن اسان ڦڙي ڦڙي ڪري گڏ ڪنداسين تہ اسان وٽ گهڻو ڪجهہ ٿي ويندو ان تي سڀني ها ڪيئي ٿوري وقت ۾ ڪافي پيسو سامان گڏ ٿي ويو ڳوٺ وارن گڏجي اسڪول جي عمارت ٺاهي جيڪا ٻن ڪمرن تي ٺهي ويئي. هاڻي ٻار ان ۾ اندر پڙهڻ لڳا ٻاهر جو ماحول انهن کي تنگ نہ ڪري رهيو هو جڏهن ٻار سر سان ڪو بيت پڙهندا هئا تہ ان جي گونج سڄي ڳوٺ ۾ هوندي هئي ان گونج تي ڳوٺ وارا باغ بهار پيا ٿيندا هئا ائين ٻڌي جي ڪري هيءُ ڳوٺ ترقي ڪندو ويو اڄ هن ڳوٺ ۾ روڊ اسپتال اسڪول گيس لائيٽ ۽ ٻيون سهولتون آهن ڳوٺ جا ماڻهو هاڻي پڙهيل لکيل آهن ڪافي ماڻهو سٺين نوڪرين تي پهچي ويا آهن ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي تہ اسان کي ٻڌي ڪرڻ جو سبق احسن ڏنو جنهن تي اسان عمل ڪيو ۽ ڪامياب ٿياسين اسان جا مسئلا ۽ مشڪلاتون حل ٿي ويون تنهن ڪري اسان کي ٻڌي ڪرڻ گهرجي ٻڌي ۾ طاقت آهي جيئن چوندا آهن تہ ٻہ تہ ٻارهن

# ٻوڙ ستايل ٻارڙ عيد

رمضان المبارڪ جو آخري ڏهو شروع ٿي چڪو آهي هيءُ اهو ئي ڏهو آهي جنهن ۾ ماڻهو عيد جي تيارين ۾ لڳي ويندا آهن هرڪو عيد جي خريداري جي لاءِ ڪوشان هوندو آهي. پر اسان جڏهن هن عيد جي خريداري ڪرڻ وڃون ته اسان سوچيون ته اسان جي ٻارن جهڙا ٻيا ٻار به آهن جيڪي ٻوڏ ستايل آهن انهن جو عيد ڪرڻ حق آهي انهن جا به خواب هوندا ارمان هوندا ته اسان به ٻين ٻارن وانگر نوان وڳا پهري عيد ڪريون. پر انهن جا اهي خواب اڌورا آهن ڇاڪاڻ ته هن وقت اهي پنهنجي گهر کان بي گهر آهن انهن جو سڀ ڪجهه ٻوڏ جي پاڻي ۾ لڙهي ويو آهي اهي رڳو پنهنجا سر بچائي آيا آهن انهن وٽ ايترو به نه آهي جو پنهنجي ٻارن جي لاءِ هڪ معمولي گوري به وٺي سگهن. اهي هن وقت ٻين جي سهاري تي آهن. اسان کي انهن ٻارن جي لاءِ سوچڻ گهرجي ته اسان به انهن کي پنهنجي خوشين ۾ شامل ڪري سگهون اسان هڪ هڪ ٻار کي عيد جا ڪپڙا وٺي ڏنا ته مونکي يقين آهي ته اهي سڀ ٻار عيد تي نوان ڪپڙا پائي چلولا ٿهڪ ڏيندا خوشين سان رانديون ڪندا اسان کي انهن کي وسارڻ نه گهرجي. هن معصوم ونيزه جا حوصلا ڪيڏا نه بلند آهن جنهن پنهنجي هم عمر ٻارن جو درد محسوس ڪيو انهن کي اچي رانديڪا ۽ ڪپڙا ڏنا ٻين کي به ائين ڪرڻ جو چيو اسان جتي هزار جو وڳو پنهنجي ٻار جي لاءِ وٺون ٿا اتي ان کان سستو وڳو وٺي پنهنجي ٻار کي ڏيون جيڪي پئسا بچن تنهن مان ڪنهن ڏکويل ٻار کي ڪپڙا وٺي ڏيون اصل عيد جو مزو به تڏهن ايندو آهي جڏهن سڀ ٻار نون ڪپڙن ۾ هجن انهن جي معصوم لبن تي مرڪون هجن. انهن جي چهرن تي اهو احساس نه هجي ته اسان هن وقت بي وس بي سهارا آهيون. هن وقت جڏهن انهن جي والدين کان پڇجي ٿو ته عيد ڪيئن ڪندا ته اهي لڙڪ لاڙي اهو چون ٿا ته اسان کي رڳو ماني ملي ته اهو به سنو آهي دوا ملي ته چڱو. باقي اسان وٽ ڪجهه به نه آهي عيد تي ٻارن کي ڇا اسين ڏينداسين. پر انهن جي انهن دردن کي اسان هلڪو ڪري سگهون ٿا جيڪڏهن اسان انهن ٻارن کي عيد جا ڪپڙا ۽ جتيون وٺي ڏيون اهي هن وقت مدد جا منتظر آهن اسان کي انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي. ان عورت جو ڇا درد هوندو جيڪا نئين سبزي منڊي حيدرآباد ۾ رليف ڪئمپ ۾ آهي جنهن جا پنج معصوم ٻار آهن جيڪا لڙڪ لاڙيندي چوي ٿي ته اها ڪهڙي ماءُ آهي جنهن جي دل جي تمنا نه هوندي ته منهنجا ٻار عيد تي نوان ڪپڙا پائين اسڪول وڃن.

پر اسان رڳو خواب ڏسي سگهون ٿا ڪير آهي جيڪو اسان جي ٻارن کي پڙهائيندو اسان وٽ تہ پئسا بہ نہ آهن. ڪيڏو درد آهي هنن جي دل ۾ سمايل جيڪي اندر ئي اندر ۾ هنن کي جهوري رهيو آهي جيئن عيد جا ڏينهن ويجها اچي رهيا آهن تيئن هنن جون پريشانيون بہ وڌي رهيون آهن ٻار تہ معصوم گل هوندو آهي انهن کي ڪهڙي خبر تہ ڪپڙا ڪيئن ايندا بوٽ ڪيئن ايندا اهي تہ چوندا تہ اسان کي عيد تي اهي سڀ شيون کپن. جڏهن ٻوڏ ستايل ٻارن کان عيد جي باري ۾ پڇا ڪجي ٿي تہ انهن جي اکين جا بند ٽٽي پون ٿا اکين مان لڙڪ نيسرا بنجي انهن جي چهري تي نشان ڇڏي وڃن ٿا. ان ٻار جو جواب ڇا آهي جنهن چيو تہ اسان کي عيد تي نوان ڪپڙا پلي نہ ملن پر جيڪڏهن اسان کي پراڻا ڪپڙا بہ ملي ويا تہ اسان جو بدن ڍڪجي ويندو اسان جو بدن ڍڪجي اسان لاءِ اها وڏي عيد آهي. هن ديس ۾ ونيزه جهڙيون ڪيتريون ئي معصوم ٻارڙيون آهن جن پنهنجو درد وساري ٻين جو درد محسوس ڪيو انهن کي ٻين جي خوشي ۾ پنهنجي خوشي محسوس ٿي رهي پوءِ اسان بہ هن معصوم جو ساٿ ڏيون جيڪي ٻيا آس رکندڙ ٻار آهن انهن کي عيد جي خوشين ۾ شامل ڪريون جتي اسان پنهنجي ٻارن جي لاءِ وڏا سپنا ڏسون ٿا اسان اتي انهن ٻارن جي لاءِ بہ سوچيون اهي ڏاريا نہ آهن پر اسان جا پنهنجا آهن اسان ديس جا آهن هن وقت اهي مصيبت ماريل آهن اسان جيڪي بہ عيد جي ڏينهن خرچ ڪندا آهيون انهن جي حساب کي اسان اڌ ڪري ڇڏيون باقي جيڪي اڌ آهي ان مان انهن ٻارن جي سوچيون جيڪي اسان جي راهہ ڏسي رهيا آهن تہ اسان جا پنهنجا اسان جي لاءِ ڪڏهن ٿا عيد جا ڪپڙا ڪٽيو اچن. عيد جو اصل مزو بہ تڏهن ايندو جڏهن سيني جي چهرن تي مرڪون هجن لڙڪ نہ هجن ائين نہ ٿئي تہ ڪو ٻار پنهنجي ڏکويل ماءُ کان اهو سوال ڪري تہ امان اسان جا بدن اگهاڙا آهن هنن ٻين ٻارن کي نوان ڪپڙا ڇو آهن ڇا اسان نوان ڪپڙا نٿا پائي سگهون جو اسان پنهنجي گهر کان بي گهر ٿيا آهيون ان وقت ان ماءُ جي دل جي ڇا حالت هوندي جنهن کان ٻار اهو سوال ڪندا. تنهن ڪري اسا ن انهن ٻارن جي لاءِ بہ ٿورو ڪجهہ ڪريون جيئن ڪنهن ماءُ جي دل مان درد جي پيڙاءُ جي ڪري لڙڪ نہ نڪرن. عيد جي ڏينهن بہ اسان انهن جي مدد ڪريون پنهنجي خوشين ۾ انهن کي شامل ڪريون. جتي اسان جا ٻار عيد جو انتظار ڪري رهيا آهن اتي اهي ٻار بہ سورن کان بي خبر هر ڏک کان بي خبر ٿي عيد جو انتظار ڪري رهيا آهن پنهنجي مائرن کان سوال ڪري رهيا آهن تہ امان عيد ۾ باقي گهڻا ڏينهن آهن. هن سال عيد جي لاءِ پاڻ سويون ڇو نہ ناهيون آهن اسان جا ڪپڙا درزين وٽ ڇو نہ ويا آهن. معصوم ٻارن جا اهي سوال انهن مائرن جي دل تي هڪ جبل جيان ڪرندا هوندا جيڪي پنهنجي گهر کان بي گهر ڪئمپن ۾ آهن سورن جي سيج تي ستل آهن هر وقت ڏک ۽ پيڙاءُ ۾ آهن ٻارن جا

سوال ڪنهن نيزي جيان انهن جي اندر ۾ لڳندا هوندا بس صرف انهن جو اهو جواب هوندو تہ پاڻ وٽ پئسا نہ آهن جيڪڏهن انهن سوالن جي جواب ۾ پاڻ سڀ پنهنجي معصوم ٻارن جيان انهن ٻارن جو بہ سوچيون انهن کي عيد جي خوشين ۾ شامل ڪريون جيئن اهي بہ اسان جي ٻارن وانگر خوشيءَ سان عيد جو ڏهاڙو ملهائي سگهن اچو تہ ننڍا وڏا گڏجي انهن ٻارن جي لاءِ عيد جون خوشيون ورهايون جن جي اميد آس اسان ۾ آهي انهن جي چهرن تي سوچن لڙڪن بدران ٽهڪ ويکيرون. مايوسين کي ختم ڪري انهن کي خوشين جا گيت ڳائڻ تي آڻيون. عيد جو اصل ڏهاڙو انهن ئي سان ئي گڏ ملهايون هيءَ عيد اسان سادي نموني گڏجي ملهايون

# خوشي

اج هرڪو خوش هو هر طرف عيد جهڙو ماحول هو ننڍا وڏا ٻار سڀ خوش هئا. آڊيوءِ ويڊيو پليئرن ۽ ٽي وي تي قومي گانا وڄي رهيا هئا ماحول سڄو خوشگوار هو هر ڪو هڪٻئي کي هن ڏينهن جون مبارڪون ڏيئي رهيو هوهيءُ ڏينهن سڀني سنڌين جو هو جنهن ۾ هر مذهب وارو سنڌي شامل هو فرق صرف اهو هو ته عيد تي مختلف قسمن جا لباس پهريل هوندا آهن پر اڄوڪي ڏينهن سڀني کي سنڌي لباس ٽوپي اجرڪ پٽڪو پاتل هو. ڪيترن کي اجرڪن مان ٺهيل ڪپڙا پاتل هئا اڄ ڇوڪرين به اجرڪن مان ٺهيل گنديون پاتيون هنيون سڀ خوش هئا اڄ وڏي جوش جذي سان ثقافتي ڏينهن ملهايوپيئي ويو ڪٿي سگهڙن جي سٿ جي محفل مچيل هئي جيڪي هڪٻئي کي بيت ڏور ڳجهارتون ڏيئي رهيا هئا. ڪٿي سنڌ جي قومي راند ملهه جا مقابلا ٿي رهيا هر واهڻ وستي ڳوٺ ۾ سنڌي قومي گيت هلي رهيا هئا.اسين مٿي مان سون ڻاهڻ وارا سنڌي , جيئڻ سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا سنڌي ٻولي پياري ٻولي وغيره جهڙا قومي گيت هلي رهيا هئا.اسان به هن شامل ٿيڻ وارا هئاسين هڪ وڏي ريلي ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان نڪرڻ واري هئي ٻارن کي چيم جلد تيار ٿيو ريلي ۾ هلڻو آهي باقي هڪ ڪلاڪ آهي اوچتو مون کي منهنجي پٽ چيو ته رات پاڻ اچي رهيا هئاسين ته روڊ جي پير ۾ ڪيئن نه ٻار پٽ ۽ گاهه تي ستا پيا هئا ڪن کي ڪپڙا به پورا پهريل نه هئا ڇا اهي پنهنجي گهرن ڏانهن نه ويا آهن هن کي چيم ته هن سال جيڪو مينهن وسيو هو اڳ اهڙو مينهن نه وسيو هو مينهن ۾ هنن جو سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو اهي پنهنجون جانيون بچائي آيا آهن جيستائين انهن ويچارن جا گهر ٺهن ان وقت تائين اهي پنهنجي سورن ۾ زندگي ائين روڊن تي پيا گذارين انهن جون عيدون به انهن جي خيمن ۾ ٿيون. ننڍڙي چيو ته اهي اسان جا سنڌي آهن اهي هن ديس جا قديمي رهاڪو آهن ڇا اهي اڄوڪو ڏينهن نه ملهائيندا.هن کي چيم ته سنڌ ميڊيا فورم وارن هن سال ثقافتي ڏينهن انهن سان گڏ ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي پاڻ انهن سان گڏ اهو ڏينهن ملهائينداسين انهن کي اڪيلو ڪين ڇڏينداسين انهن کي تحفا ۽ طعام ڏينداسين جنهن تي هن چيو ته پهرين آئون انهن وٽ وڃان ٿو انهن کي تحفو ڏيان ٿو پوءِ ريلي ۾ اچان ٿو ان تي منهنجي ڏيءُ چيو ته آئون به انهن کي تحفو ڏينديس انهن سان گڏ اڄوڪو ڏينهن ملهائينديس هنن کي چيم ته نيڪ هئا توهان پنهنجن ڀائرن ڀينرن کي هن ڏينهن تي تحفا ڏيئي ريلي ۾

اڇي شامل ٿجو هيءُ ٻيئي تيار ٿي تحفا کڻي روانا ٿي ويا ريلي نڪرڻ جو وقت ويجهو اچي رهيو هو جڏهن ثقافتي ريلي نڪرندي آهي ته ان ۾ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جو به وڏو انگ شامل ٿيندو آهي جيڪي سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪي سان ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن جنهن جاءِ تان ريلي نڪرڻ واري هئي اتي ننڍن وڏن ٻارن پوڙهن جوانن جو سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪي سان هڪ وڏو انگ بيٺل هو جڏهن منهنجي نظر منهنجي پٽ ۽ ڌيءَ تي پيئي ته انهن سان گڏ مون ٻوڏ متاثرين ٻار به ڏٺا جيڪي سنڌي لباس ۾ ڏاڍا خوش لڳي رهيا ۽ ڳانن تي ناچ ڪري هئا انهن جي لبن تي مرڪون هنيون اهي ٻار هن عظيم ريلي ۾ شامل ٿي خوش ٿي رهيا هئا ٻيا به مون ڪافي اهڙا ٻار جوان پوڙها ڏٺا جن جو هن برسات جيءُ جهوري وڌو هو پر هن ريلي ۾ شامل ٿي ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا هئا انهن کي ڪنهن به نه وساريو هو ريلي مقرر وقت تي نڪتي جنهن ۾ هرڪو سنڌ جي قومي گيتن تي ناچ ڪري رهيو هو ۽ خوش ٿي رهيو هو ريلي پنهنجي مقرر هنڌ تي پهچي ختم ٿي هرڪو ڪڏندو ٽپندو خوش ٿيندو پنهنجي گهرن ڏانهن راهي ٿيو هڪ خوشي جو سمان هو سڀ هڪ هئا سڀ هڪ گهر جا ڀاتي هئا مون کي منهنجي پٽ چيو ته اسين هنن کي هنن جي خيمن وٽ ڇڏي اچون ٿا مون ڏٺو ته اهي ٻار ڪلندا ٽهڪ ڏيندا پنهنجي خيمن ڏانهن روانا ٿيا مون کي خوشي آهي ته اسان اڄ سڀني گڏجي پنهنجي ديس جو هيءُ ثقافتي ڏينهن گڏجي ملهايو ننڍڙن ٻالڪن کي به خوشي هئي جو انهن به پنهنجي ساٿين کي نه وساريو انهن کي هن ڏينهن ملهائڻ ۾ شامل ڪيو.

# صفائي

اڪبر عمر جي لحاظ کان ننڍو هو پر هن جا خيال جوان هئا هي مئٽرڪ ۾ پڙهي رهيو هو اڪثر پنهنجي دوستن کي چوندو هو تہ زندگي جو اصل مزو ٻين جي لاءِ جيئڻ ۾ آهي ماڻهو ٻين جي مدد ڪندو رهي هي والدين جو اڪيلو پٽ هو هن جا مائٽ هن جي همت کي ڏسي پيا باغ بهار ٿيندا هئا اڪثر پنهنجي پيءُ کي چوندو هو تہ صفائي اڌ ايمان آهي پر اسان جي پاڙي ۾ گند ڪچرو چو آهي ناليون گندي پاڻيءَ سان ڀريون پيون آهن رستا سڀ گندا ٿيا پيا آهن جنهن جي ڪري جيوڙا ۽ مڇر وڌي رهيا آهن ۽ بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن. هن جو پيءُ هن کي چوندو هو تہ پٽ جيڪي وڏا باشن ڏيندا آهن اهي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيا آهن پاڻ غريب ڇا ٿا ڪري سگهون ؟جنهن تي هيءُ چوندو هو تہ بابا پاڻ سڀ گڏجي همت ڪريون تہ سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا صفائي ڪرڻ ۾ ڪو بہ عيب نہ آهي پيءُ پٽ جون ڳالهيون ٻڌي پيو خوش ٿيندو هو تہ منهنجي پٽ جي دل ۾ ٻين جي لاءِ ڪيترو جذبو آهي خدا ڪيس سکيو رکي ڪيس منهنجي عمر بہ ڏي. هڪ دفعي اوچتو هن جي ماءُ بيمار ٿي پئي هن کي گيسٽرو ٿيو ترت علاج جي ڪري هن جي جان بچي وئي. ڊاڪٽر هن جي پيءُ کي چيو تہ هيءَ خطرناڪ بيماري آهي هن مان ڪو ڪو بچندو آهي. اڪبر وچ ۾ پڇيو تہ اها بيماري ڪيئن پيدا ٿيندي آهي ڊاڪٽر هن کي ٻڌايو تہ پاروٿيون شيون کائڻ ، ڪنو پاڻي پيئڻ ۽ گندگي جي ڪري اها بيماري پيدا ٿيندي آهي. اڪبر گهر اچي سوچيو تہ اسان جي پاڙي ۾ گندگي آهي پوءِ تہ اسان جي پاڙي جا ماڻهو بيمار ٿي پوندا. هن فيصلو ڪيو تہ ائون اڪيلو پنهنجي پاڙي کي صاف ڪندس ۽ پاڙي جي ماڻهن کي بيمارين کان بچائيندس. هي روز پنهنجي پاڙي جي صفائي ڪندو هو هن جي پاڙي مان گند ڪچرو ختم ٿيندو ويو جڏهن پاڙي جي ماڻهن هن جي همت کي ڏٺو تہ هن جو ساٿ ڏيڻ لڳا هنن جو پاڙو صاف ٿيڻ لڳو ۽ هن جي همي ٻڌي جذبي کي ڏسي ٻر جي پاڙي وارن بہ پنهنجي همت تحت صفائي شروع ڪئي ائين اهو سلسلو وڌندو ڏسندي ڏسندي سڄو شهر صاف ٿي ويو ڪٿي بہ گند ڏسڻ ۾ نہ آيو ۽ ماڻهو گهر جو گند ڪچرو بہ هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن پاڙي وارن اڪبر کي چيو تہ پٽ تو اسان کي سيکاريو تہ زندگي جو اصل مزو ٻين جي لاءِ جيئڻ ۾ آهي.اسان کي اڄ خبر پئي تہ صفائي جهڙي ٻي ڪا بہ شيءِ نہ آهي.

# جذبو

هو ٽنگن کان معذور هو پر هن جا جذبا جوان هئا. هن ڪڏهن به پنهنجي معذوري کي مجبوري نہ سمجهيو هو. هيءُ هر روز اسڪول جي در اڳيان هڪ کوکي ۾ ٻارن جون شيون رکي اچي ويهندو هو. هر ٻار کي غور سان پيو ڏسندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻارن کي ڏسندي هن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ شروع ٿي ويندا هئا. هر ڪو هن جي لڙڪن کي پيو ڏسندو هو پر هن کان ڪير بہ اهو نہ پڇندو هو تہ هن کي ڪهڙو غم آهي جنهن جي ڪري هن جي اکين مان لڙڪ وهندا رهن ٿا. انهيءَ ئي اسڪول ۾ هڪ ٻار احمد پڙهندو هو هيءُ تمام غريب هوندو هو پر سڄي اسڪول ۾ هوشيار هو جنهن جي ڪري سڀ استاد هن کي پيائيندا هئا.هن جي دل بہ رحم واري هئي. هڪ ڏينهن هن سلو ( معذور ) کي روئندو ڏٺو تہ ڪافي وقت هن کي ڏسندو رهيو. هن همت ڪري وجي هن کان پڇيو تہ چاچا توکي ڪهڙو ڏک آهي جو تون روئي رهيو آهين. سلو هن کي چيو تہ پٽ تون ننڍڙو آهين توکي غمن جي ڪهڙي خبر. جنهن تي احمد چيو تہ چاچا غم اسان جو مقدر آهن اسين بہ توهان وانگر غريب آهيون منهنجو پيءُ بہ توهان وانگر معذور آهي هيءُ هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو جتي هن جي ٽنگ ڪٽجي وئي پر اڄ بہ هنن جي خواهش آهي تہ آءٌ پڙهي وڏو ماڻهو ٿيان جنهن ڪري منهنجي ماءُ سخت محنت ڪندي آهي.سلو احمد جي ڳالهہ ٻڌي هن جي مٿي تي شفقت جو هٿ ڦيريو ۽ چيو تہ پٽ منهنجو بہ هڪ پٽ آهي ،جيڪو منهنجو سڀ ڪجهہ آهي آءٌ چاهيان ٿو تہ اهو بہ پڙهي پر آءٌ هن کي پڙهائي نٿو سگهان هن کي پڙهڻ جو شوق بہ ڏاڍو آهي. احمد چيو تہ چاچا تون فڪر نہ ڪر تون پنهنجي ننڍڙي کي اسڪول موڪل آءٌ هن جي مدد ڪندس خدا چاهيو تہ اهو هڪ ڏينهن وڏو ماڻهو ٿيندو.سلو ٻئي ڏينهن پنهنجي پٽ کي اسڪول وٺي آيو احمد هن جي هر طرح جي مدد ڪندو هو هن استادن کي بہ سڄي ڳالهہ ٻڌائي هئي اهي بہ سلو جي پٽ جي مدد ڪندا هئا سلو معذوري هوندي بہ پهرين کان وڌيڪ محنت ڪرڻ لڳو. هن کي پنهنجو خواب پورو ڪرڻو هو. وقت گذرندو ويو احمد سلو جي پٽ کي پاڻ سان گڏ پڙهائيندو رهيو. اڄ هنن پنهنجي ڊاڪٽري جي تعليم پوري ڪئي هئي ۽ ڊگرين ڏيڻ جي لاءِ هڪ سيمينار ٿي رهيو هو.جنهن وقت اعلان ڪيو تہ هن سال سڄي ڪاليج ۾ بہ جڻا نمبر ڪٽي آيا آهن اهي احمد ۽ واجد (سلو جو پٽ) آهن. سيني هنن جي ڪاميابين تي تاڙيون وڄايون سلو پنهنجو خواب پورو

ٿيندي ڏسي خوش ٿي رهيو هو.جڏهن واجد کي ڳالهائڻ جي لاءِ چيو ويو ته هن چيو ته اج جيڪو مونکي ايوارڊ ملي رهيو آهي ان جو حقدار آءٌ نه پر احمد ۽ منهنجو پيءُ آهن جن هر قدم تي منهنجي مدد ڪئي. اج به منهنجي پيءَ جا جذبا جوان آهن اج آءٌ اوهان کي پنهنجي پيءُ سان ملائيندس اهو ان ڪري جي ڪنهن مسئلي کي مجبوري نه سمجهو پر همت ڪريو جيئن اسان جي سماج ۾ رهندڙ سيني غريبن جا ٻار پڙهي سگهن. جنهن وقت واجد جي پيءُ کي احمد مٿي اسٽيج تي وٺي آيو ته سڀ حيران ٿي ويا ته احمد جي پيءُ معذور ي هوندي ڪيئن نه پنهنجي پٽ کي پڙهايو آهي.اسان کي به هن جي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. هر ٻار کي علم جي لاٽ سان منور ڪرڻ گهرجي.معذُري ڪڏهن به مجبوري نه ٿيڻ ڏجي. پر سلو وانگر ارادا ۽ جذبا مضبوط رکڻ گهرجن. مضبوط جذبن سان ڏکي منزل به آسان ٿي ويندي.

# ايڪتا خوشي

هر طرف واهڻ وستي ڳوٺ شهر ۾ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ سان ماحول جرڪي رهيو هو هر ڪنهن سنڌي ڪي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ اوڍيل هئي نياڻين ڪي سنڌي ڀرت ۽ گج وارا ڪپڙا پهريل هئا هرڪو اڄ خوش هو هيءَ هنن جي ثقافت جي ڏهاڙي جي عيد هئي. آچر جي موڪل هئڻ سبب اسڪول ڪاليج بند هئا جنهن ڪري ٻار ويتر خوش هئا هر ڳوٺ ۾ سگهڙن جون محفلون مچ مشاعرا ٿي رهيا اديبن جي طرفان ادبي پروگرام ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪيا ويا پئي.احسن به پنهنجي گهر کان سنڌي ٽوپي پائي اجرڪ ڪلهن ۾ ويڙهي نڪري رهيو هو ته هن کان سندس والد پڇيو ڪيڏانهن ٿو وڃين جنهن جي موٽ ۾ هن چيو ته بابا اڄ اسان جي اسڪول ۾ هڪ ثقافتي پرگرام آهي ان ڪري اسڪول وڃان ٿو ٻاهر منهنجو دوست علي بيٺو آهي ، جنهن تي هن کي سندس والد چيو ته پٽ واپسي ۾ پنهنجي دوست کي ساڻ وٺي اچج اڄ پاڻ سنڌي پٽ ڪائيندا سين ان ۾ تنهنجو دوست به شامل هجي ته بهتر ٿيندو. جنهن تي احسن چيو ته بابا علي کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندس.علي احسن جو پيارو دوست ۽ لاس جو ساٿي هو. جڏهن احسن پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتو ته علي بيٺو هو هن يڪدم علي کي ڏسي چيو ته هي ڇا يار تون تيا نٿيو آهين پاڻ کي اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام ۾ هلڻو آهي ان ۾ پاڻ کي حصو به وٺڻو آهي.جنهن تي علي احسن کي چيو ته دوست آئون تيار آهيان هاڻي هل ته هلون جنهن تي احسن هن کي چيو ته دوست اڄ ثقافتي ڏينهن آهي اهو اسان سنڌين جي لاءِ عيد جهڙو ڏينهن آهي تو ٽوپي نه پاتي آهي اجرڪ نه اوڍي آهي احسن جي ان جملي تي علي جي اکين ۾ پاڻي تري آيو هن ڇهري کي زمين جي طرف ڪيو ته هن جي اکين مان لڙڪ موتين جي لار ڪري زمين تي ڪريا ٿي ۽ زمين ۾ جذب ٿي ويا ٿي احسن يڪدم علي کي چيو ته ڇا ٿيو؟ دوست تنهنجي اکين ۾ لڙڪ تنهنجو ڇهرو ڪومائجي ويو آهي ان تي علي چيو ته دوست احسن اسان غريبن جون ڪهڙيون عيدون اسان مڙيئي زندگي جي گاڏي کي هلايون پيا توکي خبر آهي ته بابا وفات ڪري ويو آهي امڙ پراون گهرن جي ٿانو ٻهاري ڪري ٿي جنهن ۾ جيڪو به ملي ٿو ان سان مون کي ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ کي پالي ٿي اسان جون ڪهڙيون خوهشون ڪهڙيون تمنائون امڙ جو خواب آهي ته آئون پڙهي ڪا نوڪري ڪريان امڙ جي خواب کي ساڀيان ڪرڻ جي لاءِ پڙهان ٿو ۽ محنت ڪريان ٿو جيئن امڙ جو خواب اڌورو نه رهي پر ان جي تعبير

امڙ پنهنجي اکين سان ڏسي مون کي خبر آهي تہ امڙ جي دل ۾ هزارين خواهشون ارمان ڏک آهن جيڪي هوءَ اسان کان پنهنجي اندر لڪائي جي رهي آهي امڙ جون بہ آسون امنگون آهن دوست امڙ اسان کي مشڪل سان ڪارائي ٿي اها منهنجي لاءِ ٽپي اجرڪ ۽ پيڻ جي لاءِ گج وارو وڳو ڪٿان آڻي اسان جهڙي بہ حال ۾ آهيون خوش آهيون هل تہ هلون دير پئي ٿئي جنهن تي هن علي کي چيو تہ بہ منٽ ترس آئون اچان ٿو علي چيو ٺيڪ آهي پر جلد اچ آئون انتظار ڪريان ٿو احسن سڌو گهر پنهنجي والد وٽ ويو ان کي چيائين تہ بابا آئون توهان وٽ هڪ م سان آيو آهيان جي ناراض نہ ٿيو تہ اوهان کي چوان.احسن جي والد پنهنجي پٽ کي چيو تہ پٽ ٻڌائي ڇا ڳالهہ آهي ؟ جنهن تي احسن پنهنجي پيءُ کي احسن جو سچو قصو ٻڌايو اهو بہ چيو تہ بابا اچ سڄي اسڪول جا ٻار ثقافتي لباس ۾ ايندا پر منهنجو غريب دوست ثقافتي لباس ۾ نہ هوندو جنهن جو مون کي ارمان آهي بابا هاڻي اوهان ٻڌايو تہ آئون ڇا ڪريان. احسن جي پيءُ احسن کي ڀاڪر ۾ پري پيار ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ پٽ اڄ مون کي فخر آهي تہ منهنجي پٽ کي دوستن جي تڪليف جو احساس آهي غريبن جي خواهشن جي لاءِ سوچي ٿو پٽ اصل خوشي بہ تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ٻيا بہ غريب اسان سان گڏ خوشين ۾ شامل هجن جڏهن غريب خوش هوندا تہ اهي دعائون ڪندا پٽ هي ميز تي ٽوپي ۽ اجرڪ پيئي آهي گج وارو تنهنجي ڀيڻ جو ٻيو وڳو پيو آهي اهو کڻ پنهنجي دوست ۽ ان جي ڀيڻ کي بہ ثقافي ڏينهن تي ثقافتي لباس اوڍائي جيئن هنن جي دل ۾ ڏک ۽ ارمان نہ رهي هنن کي پنهنجي پيءُ جي جدائي ڏک نہ جهوري. جڏهن احسن جو خواب پورو ٿيو تہ هن جو چهرو ٻهڪڻ لڳو هيءُ ٻاهر نڪرڻ لڳو تہ هن جي پيءُ چيو تہ پٽ لي جي امڙ ۽ ڀيڻ کي بہ واپسي تي وٺي اچجان اڄ ٻاڻ سڀ گڏجي ماني گڏ کائينداسين احسن گر کان ٻاهر نڪري علي کي چيو تہ علي ڀهرين تنهنجي گهر ٿا هلون اتي ڪم آهي. هيءُ جڏهن علي جي گهر پهتا تہ علي جي ڀيڻ اڱڻ ۾ ٻٽرن سان راند ڪري رهي هئي اهشن هن کي سڏ ڪري وڳو ڏنو ۽ چيو تہ اهو هينئر ئي پائي. علي جي ڀيڻ وڳو وٺي باغ بهار ٿيڻ لڳي احسن علي کي ٽوپي پارائي ۽ ڪلهن ۾ اجرڪ واڙهي اسڪول طرف ورانو ٿيو اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام ۾ هنن کي انعام مليو جيڪو هيءُ وٺي خوش ٿيا اتان سڌو علي جي گهر ويا جتي احسن علي جي ماءُ کي پنهنجي گهر هلڻ لاءِ چيو پر هن انڪار ڪيو پر علي جي زور ڀرڻ تي راضي ٿي چارئي احسن جي گهر پهتا جتي هنن گڏجي ماني کاڌي علي جي ماءُ احسن جي ماءُ سان ڪچهري ڪرڻ لڳي علي جي ڀيڻ احسن جي ڀيڻ سان راند ڪرڻ لڳي علي ۽ احسن وري احسن جي پيءُ سان محفل مچائي جتي علي وارن جا ڏک ڪجهہ پل اءِ ڏور ويا هليا هيءُ خوش ڏسڻ ۾ آيا گهر ۾ هڪ وڏي خوشي وڏي عيد جهڙو ماحول جڙي ويو احسن جي پيءُ احسن کي چيو تہ پٽ اسان جي

ثقافتي ڏهاڙي جي اصل خوشي ۾ اڪتا اها آهي جو اڄ اسان سڀ گڏجي پنهنجو خوشي وارو پهچان وارو ڏينهن گڏجي ملهائي رهيا آهيون اصل خوشي ۾ ايڪتا اها آهي ته اسان سڀ هج هجون سڀ گڏ هجون

# اڌورا خواب

هو جڏهن رستي تان اسڪول جي ٻريس ۾ گذرندو هو ته هن جي چهري تي خوشي ۽ مرڪ هوندي هئي هن جو پيءُ هڪ غريب مزدور هو هن ٻالڪ ۾ هن جا سپنا سمايل هئا هر ماڻهو هن ٻالڪ جي اخلاق جي واکاڻ ڪندو هو اسڪول ۾ هيءُ هوشيار هوندو هو جنهن ڪري اسڪول جا استاد ۽ ساٿي هن سان چاهت رکندا هئا مون کي به خوشي ٿيندي هئي جڏهن هن غريب جي آئون واکاڻ ٻڌندو هوس. پر هيءُ ڇا؟ هن ٻالڪ جي هٿن مان قلم ۽ ڪتاب ڪيڏانهن ويا هليا انهن جي جاءِ تي پانا آهن هن جي اسڪول جي خوبصورت ٻريس جي بدران ڪاري تيل سان رنگيل ڪپڙا پاتل هئا هن جي چهري تي اها مرڪ نه هئي هيءُ اسڪول ويندڙ ٻارن کي اداس نيڻن سان ڏسندو رهندو هو. هن کان هڪ ڏينهن سوال ڪيم ته هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا جيڪي ڪنهن برسات جيان وهڻ لڳا جن ۾ هڪ ڏک جو سمنڊ سمايل هو هن لڙڪن کي ميري ٻانهن سان اگهندي چيو ته منهنجي پيءُ وٽ ايترا پيسا نه هئا جو منهنجي امتحاني فارم جي في ڀري سگهي ها جنهن تي هن کي چيم ته تعليم مفت آهي هن ان جو جواب ڏنو ته ڇا ڪتابن ڏيڻ سان تعليم مفت ٿي ويئي اڳيان ڪاپين جو خرچ به آهي امتحان جي في به آهي جيڪڏهن بابي وٽ امتحاني في هجي ها ته آئون به فارم ڀرائي سگهان ها منهنجي ڪنهن به مدد نه ڪئي ان ڪري امتحان ته نه ڏئي سگهان ها ان ڪري پنهنجو قلم ٽوڙي ڪتاب تاڪ تي رکي هن ڏنڏي کي اچي لڳو آهيان جيڪي منهنجا خواب هئا اهي اڌورا ئي رهجي ويا هن جي جواب تي چڻ منهنجو جيءُ جهري پيو سوچڻ لڳس ته خبر نه آهي ڪيترا ٻار اهڙا ذهين هوندا جيڪي امتحاني فارم نه ڀرڻ سبب پنهنجي سپنن ۽ خوابن کي اڌورو ٿيندي ڏسندا هوندا

# معذوري نہ آهي مجبوري

واسو جڏهن ڄائو هو تہ هن جا مائٽ تمام گهڻو خوش ٿيا هنن جو اڳ بہ اولاد هو پر هن تي اهي سرها ٿيا هئا هن سان سڀ دل وجان سان پيار ڪندا هئا. هن کي ڪنهن بہ تڪليف ۾ برداشت نہ ڪندا هئا. هڪ ڏينهن هن جي طبيعت خراب ٿي ويئي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا ڊاڪٽر هن جو علاج ڪيو. پر ڪجهہ ڏينهن بعد هن کي هڪ ٽنگ ۾ تڪليف ٿي جڏهن وري ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ويو تہ ان چيو تہ هن کي پوليو ٿيو آهي اهو ٻڌي هن جي مائٽن جي منهن تان مرڪ ڄڻ کسجي ويئي. ائين وقت خاموشي سان گذرندو ويو هيءُ پنجن سالن جو ٿيو هڪ لٺ جي سهاري تي پنهنجي پاءُ جي دوڪان تي اچي ويهندو هو.جتي پنهنجي منهن پيو رانديون ڪندو هو. پر اتي هن جي هڪ عادت هوندي هئي تہ صبح جو اسڪول ويندڙ ٻارن کي غور سان پيو ڏسندو هو جڏهن ٻار موڪل مهل اتان لنگهندا هئا تہ وري بہ انهن کي پيو ڏسندو هو.ائين محسوس ٿيندو هو تہ هن جي دل ۾ لڪل خواهش آهي تہ آئون بہ انهن ٻارن وانگر اسڪول وڃا ن اتي وڃي پڙهان. هڪ ڏينهن اوچتو صبح جو هن پنهنجي پاءُ کي قميص کان جهليو ان کي چيو تہ هي ٻار اسڪول پيا وڃن مون کي بہ اسڪول وٺي هل. پاءُ گهڻو ئي پٽي نٽايو پر هيءُ ضد ڪري ويهي رهيو تہ آئون اسڪول ويندس. هن واسو کي چيو تہ ٻار توکان وڙهندا توکي ٽنگ ڪندا هن چيو تہ اهي منهنجا دوست ٿيندا مون سان نہ وڙهندا. هن جو پاءُ هن کي اسڪول ۾ وٺي ويو ۽ ان استاد سان وڃي مليو جنهن وٽ پاڻ پڙهيو هو استاد کي چيائين تہ سائين هيءُ منهنجو پاءُ آهي ضد ڪري ويٺو آهي تہ آئون پڙهندس. استاد ننڍڙي کان پڇيو تنهنجو نالو ڇا آهي هن چيو تہ واسو استاد وري پڇيس تون پڙهندين جنهن تي هن چيو تہ آئون پڙهندس استاد هن جي پاءُ کي چيو تہ هن کي پڙهڻ جو شوق آهي هن کي ڇڏيو تہ هيءُ پڙهي جنهن تي هن جي پاءُ چيو تہ سائين هيءُ تہ.......... استاد اڌ ۾ ڳالهہ ڪٽيندي چيو تہ تون ڇوڙ ٿو چاهين تہ هيءُ معذور آهي. پر ٻڌ هيءُ معذور ضرور آهي پر مجبور نہ آهي هن جو جذبو زنده ۽ مضبوط آهي تہ آئون بہ پڙهان. هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو سڀ هن جو نالو وٺندا هن جي ايتري عزت ٿيندي جو اوهان ڪڏهن سوچيو بہ نہ هوندو. ائين واسو روز اسڪول وڃڻ لڳو دل و جان سان پڙهڻ لڳو هن جو شمار اسڪول جي تمام هوشيار شاگردن ۾ ٿيڻ لڳو. هڪ دفعي اسڪول ۾ والدين جو ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ تعليم کاتي جا آفيسر ، شهري ، استاد ۽ والدين شريڪ هئا ان پروگرام ۾

واسو انگريزي ۾ تقرير ڪري سيني کي ڏيندين آڱريون ڏيئي چڙيون هن جو هر لفظ ائين ٿي گونجيو چڻ هيءُ انگريزي جو ماهر هجي اهو سڀ استادن جي محنت جو نتيجو هو جن هن کي تيار ڪيو هو هن کي پهرئين نمبر جو ايوارڊ مليو ۽ ڪيترائي روڪ انعام به مليا. ائين هيءُ پنجون پاس ڪري انگريزي اسڪول ۾ ويو جتي به هن پاڻ مڃرايو ۽ مئٽرڪ کان ڪاليج ۾ ويو اتي به هن پنهنجي محنت کي نه ڇڏيو هر سال سٺن نمبرن سان پاس ٿيندو ويو پڙهائي دوران هن کي ڪمپيوٽر سکڻ جو شوق ٿيو هن پنهنجي د ل جي ڳالهه هڪ استاد سان ڪئي جنهن پنهنجي هڪ دوست جي دوڪان تي ڇڏيو جتي به هن محنت ڪئي ٿوري وقت ۾ ڪمپوزنگ، هارڊ ويئر ۽ سافٽ ويئر جو ماهر ٿي ويو. انٽر کان پوءِ هن جو شوق هو ته آئون يونيورسٽي ۾ پڙهان هن انٽري ٽيسٽ جي تياري ڪئي ان ۾ پاس ٿيو هن جي يونيورسٽي داخلا ٿي ويئي اڄ به هيءُ يونيورسٽي ۾ پڙهي رهيو آهي ڪمپيوٽر جي ڪم جو به ماهر آهي جنهن ڪري هن جي پڙهائي جو خرچ نڪري رهيو آهي هيءُ اڳتي وڌي رهيو آهي هن جي محنت جي ڪري اڄ هر ڪنهن جي دل ۾ هن جي عزت آهي هن کي اڄ جيڪا به عزت ملي ٿي اها هن جي محنت جي نتيجي جو ڦل آهي هن پنهنجي مغزوري کي ڪڏهن به مجبوري نه سمجهيو آهي هن مان اسان کي سبق وٺڻ گهرجي. جيڪو هن سبق ڏنو آهي ته معذوري مجبوري نه آهي. محنت سان هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي. اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن اسان هن کي ڪنهن وڏي عهدي تي ڏسنداسين

# ٻين جي مدد ڪرڻ

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ ڳوٺ ۾ ٻه دوست سليم ۽ احمد رهندا هئا هنن جي پاڻ ۾ تمام گهڻي ٻڌي هوندي هئي ۽ هيءُ ٻئي دوست مال جو واپار ڪندا هئا. هڪ دفعي ٻنهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هتي هاڻي واپار جو چاڙهو نه آهي ڪنهن ٻئي هنڌ هلي واپار جي مال خريد ڪجي جيئن ڪجهه ڪمائي سگهجي جنهن ٻئي دوست راضي ٿيا ۽ تياري ڪرڻ لڳا. وڃڻ مهل هنن ٻنهي پاڻ ۾ هڪ فيصلو ڪيو ته ڪهڙيون به حالتون اچڻ تڪليفون اچن پر هڪٻئي جو ساٿ نه ڇڏبو. ٻنهي دوستن هام ڀري. جنهن ڳوٺ ۾ هنن وڃڻ جو فيصلو ڪيو ان جو رستو هڪ گهاٽي جهنگ مان جنهن ۾ ڪيترائي خطرناڪ جانور به هئا. هيءُ به پنهنجو سمر سنباهي رستو وٺي هلڻ لڳا جڏهن هي وچ جهنگ تي پهتا ته اهي هنن کي ڪافي ڏينهن گذري چڪو هو. هلندي اوچتو هنن جي ڪنن تي رڇ جو آواز پيو هنن هر طرف نهاريو پر رڇ نظر نه آيو. سليم پنهنجي دوست کي چيو ته پلو ان ۾ آهي ته هتان نڪري ڀڄون پر احمد چيس ته پاڻ کي منزل تي رسڻو آهي جيڪو ارادو ڪري نڪتا آهيون اهو پورو ڪرڻو آهي. پر سليم چوي ته نه واپس هلڻو آهي ائين انهن جو بحث وڌندو ويو اوچتو سليم جي نظر رڇ تي پيئي هن احمد کي چيو ته هو سامهون رڇ آهي هل ته ڀڄون پر احمد چيو ته پاڻ جيڪو عهد ڪيو آهي ان کي پارڻو آهي سليم چيس ته يار زندگي هر ڪنهن کي پياري آهي تون پلي هتي هج پاڻ هلون ٿا ڀڄڻ ڪم وريام جو. سليم اهڙي ته ٻوڙ ڀاتي جو پلن ۾ نظرن کان گم ٿي ويو. احمد ڏٺو ت جيئن پوءِ تيئن رڇ جو آواز وڌي رهيو آهي هي آهستي آهستي ڪلندو ان طرف ويو ته هن ڏٺو ته رڇ هڪ ڄار ۾ ڦاٿو پيو آهي هن آهستي وڃي ڄار کي وڍي رڇ کي آزاد ڪيو. رڇ صرف هن ۾ شڪرئي جي نظر وجهي هلندو ويو. احمد پنهنجو سفر جاري رکيو هلندي هن کي رات ٿي ويئي هيءُ هڪ سنئي جڳهه ڏسي اتي ويهي رهيو ته ڪجهه آرام جڪي پوءِ وري صبح جو سفر جاري رکجي. هيءُ وڻ هيٺ سمهي رهيو. جڏهن اجا صبح به نه ٿيو هو ته پکين جي رڙين ي هن اک کولي هن ڏٺو ته هيءُ پکين جي جاڳڻ ۽ رب جي واڪاڻ ڪرڻ رزق تلاش ڪرڻ جو وقت نه آهي پوءِ هيءُ پکين ۾ تاڪوڙو چو مچي ويو آهي هن هر طرف نگاهه ڪئي ۽ جنهن وڻ طرف پکين جو لامارو هو اهو اهوئي وڻ هو جنهن هيٺيان هي ستل هو هن ڏٺو ته هڪ نانگ وڻ تي چڙهي رهيو هو ان وڻ ۾ هن پکين جا آکيرا به ڏٺا هئا جنهن ۾ پکين جا ٻچا هئا. هن يڪدم پنهنجي تلوار سان نانگ تي وار ڪري ان کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. هن پوءِ جڻ پکين جو احسان مڃيو ۽ پکين وري هن جو احسان مڃيو. هاڻي هيءُ تيار ٿي سفر کي جاري رکڻ لاءِ هليو. هلندي هيءُ ڪ ڳوٺ ۾ پهچي ويو

جتي هن ڪافي مال خريد ڪيو پر ان جو مال ٿورو اڳتي هلڻ بعد هڪ ٻيو واپاري وٺي ويو. جنهن مان هن کي گهٽي اپت ٿي هن ڳوٺ وارن کان ٻيو رستو معلوم ڪيو جيڪو پهرينر ستي کان سولو ۽ آسان ﮬ هو. هيءُ ان رستي تي هلندو رهيو هلندي هن کي هڪ هنڌ دونهون نظر آيو جيڪو تمام گهٽو هو ڪجهﮬ مفاصلي تي ٻارن ۽ ورتن جون دانهون ٻڌيون. هن جي دل ۾ همدردي ۽ رحم جو جذبو اڳيئي هو سو هيءُ ان طرف ويو. هن انهن ماڻهن کان پڇا ڪيئي تہ ڇا ٿيو آهي هنن ٻڌايو تہ رات اوچتو اسان جي گهر ن کي باهہ لڳي جنهن ۾ سڄو ڳوٺ وڪوڙجي ويو اسان صرف سر بچائي نڪتا آهيون اسان جو سڀ ڪجهہ باهہ ۾ سڙي ويو هاڻي اسان وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي معصوم ٻار بہ بک تي آهن. هن دل ئي دل چيو تہ ڇو نہ هنن جي مدد ڪجي مون کي رب پاڪ وري ڏيندو هن وٽ جيڪا رقم هئي اها هن انهن کي ڏيئي چيو تہ ٻارن جي لاءِ پنهنجي لاءِ ڪاڏو وٺي اچو مون وٽ هن وقت جيڪو آهي اهو توهان کي ڏيان ٿو. هي انهن کي ڏيئي واپس ڳوٺ پهتو تہ هن کي هن جو دوست مليو جنهن هن کان حال احوال ورتو جنهن تي احمد هن کي سمورو قصو ٻڌايو سليم قصو ٻڌي احمد کي چيو تہ يار مون تو جهڙو بي وقوف نہ ڏٺو آهي جيڪو پنهنجو پيسو ٻين کي پاڻ خالي هٿين وريو آهي. جنهن تي احمد چيو تہ تہ مون ڏکايلن جي پر گهور ڪئي آهي ان جو اجر مون کي منهنجو رب ڏيندو. ائين وقت گذرندو رهيو هڪ ڏينهن احمد پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ وينو هو تہ هن ڏٺو تجہ ڪجهہ پکي هن جي گهر مٿان اڏامي رهيا آهن هن سمجهيو تہ اجايل آهن تڏهن ڦري رهيا آهن هن انهن جي لاءِ پاڻي جو ڪونڊو پري رکيو پر انهن پاڻي نہ پيتو اوچتو احمد جي اڳيان پکين جي ڇهنب مان ڪريل ننڍڙي ٿيلهي اچي پيئي ۽ ٿيلهي ڪرڻ کان پوءِ پکي واپس هليا ويا احمد جڏهن ٿيلهي کولي تہ ان ۾ هڪ نقشو هو ان تي لکيل هو هو تہ هن نقشي ۾ ڏيکاريل وڻ وٽ خزانو آهي هيءُ نقشو جنهن کي ملي اهو وڻ هٽ ڪري ان مان خزانو ڪڍي اهو خزانو ان جو هو. احمد غور سان نقشي کي ڏٺو هيءُ ان ئي جهنگ جو هو جنهن ۾ هن ناگ ماريو هو هو اهوئي وڻ هو جنهن هيٺ آرام ڪيو هو هيءُ تيار ٿي ان طرف ويو جڏهن هن ٿورو ڏو ئي مس کوٽيو تہ هن کي خزانو ملي ويو. هيءُ خزانو کڻي گهر آيو زندگي جا ڏينهن سکيا گذارڻ لڳو هن جيڪا ٻين جي مدد ڪئي ان جو هن کي سلو ملي ويو تنهن ڪري پيارا ٻارو اسان کي ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي ان جو سلو اسان کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ضرور ملندو.

# عقلمند وزير زادي

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ملڪ ۾ هڪ رحمدل نرم بادشاهه رهندو هو. هن مان سندس رعايا تمام گهڻي خوش هوندي هئي. هن کي صرف هڪ پٽ هوندو هو جيڪو پنهنجي پيءُ وانگر همدرد رحمدل ايماندار ۽ ٻين جو خيال رکڻ وارو هو. بادشاهه وٽ جيڪي به امير وزير هوندا هئا انهن کي پائيندو هو. تنهن ڪري اهي بادشاهه مان خوش هئا. هڪ ڏينهن بادشاهه بيمار ٿي پيو حڪيم ۽ طبيب آيا پر هن جي صحت تي ڪوبه فرق نه پيو ۽ بادشاهه گذاري ويو. جنهن بعد هن جو پٽ بادشاهه ٿيو هن جي عمر وڏي نه هئي پر هيءُ مڪمل نوجوان هو. جڏهن هيءُ حڪومت تي ويٺو ته هن اهي ساڳيا امير ۽ وزير رکيا جيڪي هن جي پيءُ جي وقت ۾ هوندا هئا انهن سان ائين هلندو هو. جيئن هن جو پيءُ هلندو هو. هڪ ڏينهن هيءُ دربار ۾ ويٺو هو ته هن پنهنجي قانوني وزير کي چيو ته ڪجهه وزيرن مون کي چيو آهي ته توکي پنهنجي هوشياري تي غرور آهي. جنهن تي هن چيو ته مون کي ڪوبه غرور نه آهي پلي مون کي آزمائي ڏسو. بادشاهه هن کي چيو ته آئون ڪجهه توهان کي سوال ڏيان ٿو ڇهن مهينن کان پوءِ مون کي انهن جا جواب ڏجو. پهريون سوال آهي ته دلي ۾ ڇانهي وجهي ڏيکاريو ٻيو سوال آهي ته هڪ ڇيلو ڏيان ٿو سال کان پوءِ به اهڙو هجي جهڙو هن وقت آهي ٽيون سوال آهي ته آسمان ۾ تارا ڪيترا آهن. وزير اهي سوال ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ عجب ۾ پئجي ويو ته دلي ۾ ڇانهي ڪيئن ويندي ڇيلو سال کان پوءِ ه ن وقت جهڙو ڪيئن هوندو اهو وڌو ٿيندو مڇندو ۽ آسمان ۾ ڪير تارا ڳڻي سگهندو هي پريشاني جي عالم ۾ گهر آيو هن جي ڌيءَ هن کي ڏٺو ته هيءُ پريشان لڳي رهيو هو ڌيءَ پڇيس ته بابا سائين ڇا ڳالهه آهي ؟ اوهان پريشان آهيو. جنهن تي هن پنهنجي ڌيءَ کي بادشاهه جا ڏنل سوال ٻڌايا. وزير جي ڌيءَ به پنهنجي پيءَ وانگر قابل هئي ان چيو ته بابا ڇهن مهينن کان پوءِ سوالن جا جواب مون کان وٺجو. وزير پريشاني جي عالم ۾ گذارڻ لڳو ائين وقت گذرندو ويو ڇهه مهينا اچي پورا ٿيا. هن پنهنجي ڌيءَ کي چيو ته ڇهه مهينا پورا ٿي ويا آهن. هاڻي آئون انهن سوالن جا جواب ڪهڙا ڏيان. هن کي ڌيءَ چيو ته بابا سائين آئون توهان کي ڏيان ٿي. وزير جي ڌيءَ ڇيلو ڪٽي آئي ته اهو ايترو جو ايترو هو. دلو ڏنو ان ۾ ڇانهي پئي هئي هڪ ويڙهيل پنو ڏنو ته اهو بادشاهه کي ڏجو هڪ ٻيو پنو ڏنو ۽ چيو ته هن ۾ انهن جا جوابن جا تفصيل آهن بادشاهه چوي ته هن مانڊسي ٻڌائجو ا هي بادشاهه جي ٽنهي سوالن جا جواب آهن. وزير جڏهن بادشاهه جي دربار ۾ پهتو ته بادشاهه چيس قانون جا وزير ڇهه مهينا پورا ٿي ويا هاڻي سوالن جا جواب ڏي جيڪڏهن جواب صحيح مليا ته توهان کي ترقي ڏني ويندي جيڪڏهن توهان حل نه ڪيا ته توهان

ڪي عهدي تان هٽايو ويندو. بادشاهه پهرين  سوال جو جواب طلب ڪيو ته دلي ۾ ڇانهي هجي  وزير بادشاهه جي اڳيان دلو رکيو جنهن کي هن ڏنو ته ان ۾ وڏي ڇانهي پيل هئي بادشاهه حيران ٿي ويو ته دلي ۾ ڇانهي ڪيئن آئي. ٻيو سوال ڇيلو ايتري جو ايترو هجي جڏهن ڇهن مهينن بعد ڇيلو بادشاهه جي اڳيان آندو ويو ته اهو ايترو هو. ٽيون سوال هو ته آسمان ۾ تارا ڪيترا آهن. وزير ڏيءَ جو ڏنل پنو بادشاهه کي ڏنو جنهن ۾ سوراخ هئا. ۽ چيو ته آسمان ۾ ايترا تارا آهن جيترا سوراخ آهن هاڻي اهي ڳڻايو. جنهن تي بادشاهه چيو ته اهي ڳڻي نٿا سگهجن ته وزير چيو ته آسمان جا تارا به لا محدود آهن اهي ڳڻي نٿا سگهجن. ان بعد بادشا هه وزير کان پڇيو ته اهي سوال تو ڪيئن حل ڪيا ته هن ڏيءَ طرفان ڏنل پنو کولي پڙهيو جنهن ۾ پهرين سوال جو جواب هو ته ڇانهي جي ول پوکي ويئي جيئن ننڍڙي ڪانهي ٿي ان کي دلي ۾ وڌو ويو اها دلي جي اندر وڏي ٿيندي ويئي پوءِ ان کي ول کان ڪٽيو ويو ته اهي دلي ۾ اندر ٿي ويئي. ٻئي سوال جو جواب اهو ته روزانو صبح ۽ شا م جو ڇيلي کي گاهه جو ڍوءُ ڪرائي هن کي شينهن جي سامهون آندو ويندو هو شينهن جي خوف جي ڪري هن ۾ ڪوبه اضافو نه ٿيو اهو ڇيلو خوف ۾ ڊنل رهيو. ٽئين سوال جو جواب پني ۾ سوراخ آهن ته اهي نٿا ڳڻي سگهجن ان وانگر آسمان جا تارا به نٿا ڳڻي سگهجن. بادشاهه وري هن کان سوال ڪيو ته توهان انهن سوالن جا جواب ڏسي ڇو ٻڌايا.